ذوالحجہ 1444ھ / جولائی 2023ء

# ماہوار فیضانِ مدینہ

دعوتِ اسلامی



ویب ایڈیشن

# اللّٰه جون نشانيون

مفتي محمد قاسم عطاري

ارشادِ باري تعالیٰ آهي:

يٰۤاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا لَا تُحِلُّوْا شَعَآىِٕرَ اللّٰهِ وَ لَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ وَ لَا الْهَدْيَ وَ لَا الْقَلَآىِٕدَ وَ لَاۤ اٰمِّيْنَ الْبَيْتَ الْحَرَامَ يَبْتَغُوْنَ فَضْلًا مِّنْ رَّبِّهِمْ وَ رِضْوَانًاؕ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** اي ايمان وارؤ! اللّٰه جون نشانيون حلال نہ بڻايو ۽ نہ ادب وارن مهينن ۽ نہ حرم ڏي موڪليل قربانين ۽ نہ (حرم ۾ آندل اهي جانور) جن جي ڳچيءَ ۾ نشانيءَ طور پٽا هجن ۽ نہ ادب واري گهر جو قصد ڪري اچڻ وارن (جي مال ۽ عزت) کي جيڪي پنهنجي رب جو فضل ۽ان جي رضا تلاش ڪندا آهن. (پ6، المائدة:2)

**تفسير**

هن آيت ۾ اللّٰه جي نشانين جي قدر ڪرڻ جو حڪم فرمايو آهي. هنن نشانين ۾ خدا جا احڪام ۽ فرائض بہ داخل آهن ۽ خدا سان قرب جو تعلق رکندڙ شخصيات ۽ مقامات ۽ اوقات بہ شامل آهن. انهن مان جيڪي شيون اللّٰه جون نشانيون قرار پائن انهن جي احترام جو حڪم آهي. اللّٰه جي نشانين جي تعظيم، اللّٰه تعالیٰ سان نسبت ۽ تعلق جي بنا تي آهي. جڏهن تہ انهن جي تعظيم خدا جي ئي تعظيم آهي ۽ تعظيم جو اهو حڪم ڪيئي آيتن ۾ ڏنو ويو آهي جيئن تہ اللّٰه پاڪ ارشاد فرمائي ٿو:

وَمَنْ يُّعَظِّمْ شَعَآىِٕرَ اللّٰهِ فَاِنَّهَا مِنْ تَقْوَى الْقُلُوْبِ ﴿۳۲﴾

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ جيڪو اللّٰه جي نشانين جي تعظيم ڪري تہ هيءَ دلين جي پرهيزگاري مان آهي. (پ17،الحج:32)

اللّٰه جي نشانين ۾ اللّٰه تعالیٰ جي طرف نسبت رکڻ واريون ڪيئي شيون داخل آهن.



مثال طور (1) الله تعالىٰ جي نشانين ۾ سڀ عبادتون شامل آهن. (2) انهن نشانين مان حج جا اركان ۽ طريقا بہ مراد آهن. (3) انهن مان اهي اُٺ ۽ ڳئون مراد آهن، جن کي قربانيءَ لاءِ حرم ڏانهن موڪليو وڃي ۽ انهن جو احترام اهو آهي تہ انهن کي ٿلهو، سهڻو ۽ قيمتي ورتو وڃي. (تفسيرکبير، الحج:8،223/23)

ائين ئي ”شعائرالله“ مان دين جون نشانيون مراد آهن، چاهي اهي مکان هجن جيئن، ڪعبو، عرفات، مزدلفہ، ٽئي جَمرات(جن تي رمي ڪئي ويندي آهي)، صفا، مروه، منيٰ، مسجدون يا اهي نشانيون”زمانا“ هجن. جيئن رمضان، حرمت وارا مهينا، عيدالفطر ۽ عيد الاضحيٰ، جمعي جو ڏينهن، ايامِ تشريق يا اهي شعائر ڪا ٻئي علامت هجن، جيئن آذان، اقامت، نمازِ با جماعت، نمازِ جمعہ، نمازِ عيدين، طهر اهي سڀ دين جا شعائر آهن. (تفسير بغوی، البقرة، تحت الآية:158، 1 /91)

اها حقيقت آهي تہ جنهن شيءِ کي صالحين سان نسبت ٿي وڃي اها شيءِ عظمت واري بڻجي ويندي آهي ۽ اهو دراصل الله پاڪ جي طرفان انهن جي عزت افزائي آهي جيئن صفا مروه پهاڙ، حضرت هاجره رضی اللہ عنہ جي قدم جي برڪت سان الله پاڪ جي نشاني بڻجي ويا ۽ رب ڪريم فرمايو:

اِنَّ الصَّفَا وَ الْمَرْوَةَ مِنْ شَعَآىٕرِ اللّٰهِۚ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** بيشڪ صفا ۽ مروه الله جي نشانين مان آهن.

(پ 02، البقرة:158)

انهيءَ جي ٻئي عظيم مثال ”مقام ابراهيم“آهي الله پاڪ فرمايو:

وَ اتَّخِذُوْا مِنْ مَّقَامِ اِبْرٰهٖمَ مُصَلًّىؕ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ (اي مسلمانو!) توهان ابراهيم جي بيهڻ جي جڳهہ کي نماز جي جاءِ بڻايو. (پ 01، البقرة:125)

مقام ابراهيم اهو پٿر آهي جنهن تي بيهي ڪري حضرت سيّدُنا ابراهيم خليلُ الله عَلَيْهِ السَّلَام ڪعبيءِ معظم جي تعمير فرمائي ۽ ان ۾ سندن جي قدم مبارڪ جو نشان هو، ان کي نماز جو مقام بڻائڻ مستحب آهي. هڪ ٻئي مقام تي خدائي حرمتن جي تعظيم جي متعلق فرمايو:

وَ مَنْ يُّعَظِّمْ حُرُمٰتِ اللّٰهِ فَهُوَ خَيْرٌ لَّهٗ عِنْدَ رَبِّهٖؕ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ جيڪو الله جي حرمت واري شين جي تعظيم ڪري تہ اهو ان جي لاءِ سندس رب وٽ ڀلو آهي. (پ 17، الحج:30) هن تعظيم تي آخرت ۾ ثواب ملندو.

#### الله جي نشانين جي بي حرمتي

الله جي نشانين جي تعظيم جو حڪم ڏنو ويو آهي ۽ بي حرمتي کان منع ڪئي وئي آهي، تنهنڪري جيئن تعظيم تي عظيم ثواب، دل جي پرهيزگاري، خدا جو قرب ۽ الله پاڪ جي رضامندي نصيب ٿيندي آهي، اهڙي طرح بي حرمتي ۽

توهين تي غضبِ خدا ۽ موت کي به منهن ڏيڻو پوندو آهي، سو انبياء ڪرام عليهم السلام جي گستاخي ڪرڻ وارو ڪافر آهي، صحابه و اهل بيت جو گستاخ گمراه آهي، اولياء ڪرام جي توهين ڪرڻ وارا بدبخت ۽ محروم ۽ مسجد ۽ ڪعبة الله ۽ مڪي شريف جي توهين ڪرڻ وارو به دنيا ۽ آخرت جي هلاڪت جو شڪار آهي. تائيد لاءِ هي حديث مبارڪ ڏسو. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته: ”منهنجي امت جا ماڻهو (ان وقت تائين) هميشه نيڪي تي رهندا، جيستائين اهي مڪي جي تعظيم جو حق ادا ڪندا رهندا ۽ جڏهن اهي هن حق کي وڃائي ويهندا ته اهي تباهه ٿي ويندا."

( ابن ماجه، 3/ 519،حديث: 3110)

**وڌيڪ فرمايو:**

وَلَا الشَّهْرَ الْحَرَامَ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ نه ادب وارن مهينن کي(حلال قرار ڏيو يعني انهن جي بي حرمتي نه ڪيو)

حرمت ۽ احترام وارا مهينا چار آهن، رجب، ذوالقعده، ذوالحجه ۽ محرم. جاهليت جي دور ۾ به ڪافر هنن مهينن جو ادب ڪندا هئا ۽ اسلام به هنن جو احترام باقي رکيو. شروع ۾ اسلام ۾ هنن مهينن ۾ جنگ حرام هئي، هاڻي جهاد ڪنهن به وقت ٿي سگهي ٿو، پر هنن مهينن جو بئي انداز ۾ احترام باقي آهي، ان ڪري اڄ به انسان کي هنن مهينن ۾ عبادت ڪرڻ ۽ گناهن کان بچڻ جي ڪوشش ڪرڻ گهرجي. ذوالقعده، ذوالحجه ۽ محرم الحرام اڄ به حاجين پاران حج جي سفر ۽ ادائيگي ۾ گذرندا آهن، جڏهن ته رجب المرجب ۾ عمري جو سلسلو جاري رهندو آهي، جيتوڻيڪ رمضان المبارڪ ۾ عمري جي سعادت حاصل ڪرڻ وارن جو تعداد رجب کان وڌي ويو آهي.

انهن حرمت وارن مهينن ۾ ذوالحج ۽ محرم جي وڏي فضيلت آهي جو ذوالحجه جي پهرئين نون ڏينهن جا روزا رکڻ جو وڏو ثواب آهي، جيئن حديث مبارڪ ۾ فرمايو ويو ته: جن ڏينهن ۾ الله تعاليٰ جي عبادت ڪئي ويندي آهي. انهن مان ڪو ڏينهن ذوالحجه جي ڏهن ڏينهن کان وڌيڪ پسنديده ڏينهن نه آهي، انهن مان (ڏهه ذوالحجه جي علاوه) هر ڏينهن جو روزو رکڻ هڪ سال جي روزن ۽ (ڏهه ذوالحجه سميت) هر رات جو قيام ليلة القدر جي قيام جي برابر آهي. (ترمذی، 192/2،حديث:758)روزن کان علاوه به هر نيڪ عمل جو ثواب شروع جي ڏهن ڏينهن ۾ وڌي ويندو آهي، ان ڪري نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو ته هنن ڏينهن ۾ عمل

ست سؤ ڀيرا وڌي ويندو آهي. (شعب الايمان، 356/3، حديث: 3758) ذوالحج جي شروعات جي ڏهن راتين جي قرآن مجيد ۾ قسم بيان فرمائي، جيئن سورت الفجر ۾ آهي:

وَ الْفَجْرِۙ(۱) وَ لَیَالٍ عَشْرٍۙ(۲)

**ترجمو ڪنزالعرفان:** صبح جو قسم. ۽ ڏهن راتين جو. (پ 30، الفجر : 1.2)

پڻ ڏهہ ذوالحج جي قرباني جي عظمت ڪي تہ مسلمانن جو هر ٻار ڄاڻي ٿو.

حرمت وارن مهينن ۾ محرم الحرام جي پنهنجي عظمت اها آهي تہ ان جي ڏهين تاريخ دنيا جي تاريخ ۾ عظيم واقعن تي مشتمل آهي ۽ هن تاريخ تي حضرت موسيٰ عليہ السلام جي فرعون کان نجات حاصل ڪرڻ جي خوشي ۾ نبي ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ان ڏينهن جو روزو رکيو ۽ روزو رکڻ جي ترغيب ڏني، جيئن مسلم شريف ۾ آهي تہ جڏهن حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم مديني ۾ آيا تہ يهودين کي عاشورا جي ڏينهن روزو رکندي ڏٺائون ۽ ڪائنن پڇيو تہ توهان ان ڏينهن جو روزو ڇو ٿا رکو؟ فرمايائون: هي اهو ڏينهن آهي جنهن ڏينهن الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام ۽ بني اسرائيلن کي فرعون ۽ ان جي قوم تي غلبو عطا ڪيو، ان ڪري اسان هن ڏينهن جو احترام طور روزو رکون ٿا، ان تي پاڻ سڳورن صَلَّی اللہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو تہ اسان توهان کان وڌيڪ موسيٰ عَلَیْہِ السَّلَام جي ويجهو آهيون، تنهنڪري سندن هن ڏينهن تي روزو رکڻ جو حڪم ڏنو ويو. (مسلم،ص441،حديث:2656)پوءِ اها ئي ڏهہ تاريخ، امام عالي مقام سيدنا امام حسين رَضِیَ اللہُ عَنْہُ ۽ سندن ساٿين جي تاريخ ساز شهادت جو ڏينهن بڻي، ۽ هن نسبت سان رهندي دنيا تائين عزيمت ۽ استقامت ۽ صبر ۽ استقلال جي نشاني بڻجي وئي.

وَلَا الْهَدْیَ وَلَا الْقَلَآىٕدَ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ نہ حرم ڏي موڪليل قربانين ۽ نہ (حرم ۾ آندل اهي جانور) جن جي ڳچيءَ ۾ نشانيءَ طور پٽا هجن

عرب ماڻهو حرم شريف جي وڻن جي ڇال مان هار(پٽا) ٺاهي قربانين جي ڳچيءَ ۾ وجهندا هئا تہ جيئن ڏسندڙن کي خبر پوي تہ هي قربانيون حرم ڏانهن موڪليل آهن تہ جيئن انهن کي تنگ نہ ڪن، ڦرلٽ نہ ڪن ۽ ايذاء نہ ڏين. حرم شريف جي انهن قربانين جي احترام جو حڪم ڏنو ويو آهي. ان قربانيءَ جي سلسلي ۾ حاجين لاءِ اهو بہ شامل آهي تہ حج جي موقعي تي جيڪو جانور قربان ڪيو وڃي اهو سٺو، ٿلهو، سهڻو ۽ قيمتي هجي، بلڪ حضرت سيّدنا امام غزالي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ فرمايو تہ بزرگانِ دين حج جي موقعي تي

خريديا ويندڙ قرباني جا جانور ۽ عيد جي قربانيءَ جي جانور جي قيمت ۾ گهٽتائي ڪرائڻ، پسند نہ ڪندا هئا، جو تہ قرباني ۾ وڌيڪ قيمت وارو جانور گهڻو نفيس هوندو آهي. (احياء علوم الدين، 353/1) حج ۽ قربانيءَ لاءِ جانور خريد ڪرڻ وقت قيمت گهٽ نہ ڪرائڻ بهتر آهي جڏهن تہ بازار جي حقيقي قيمت کان گهڻو فرق نہ هجي.

وڌيڪ فرمايائون:

وَلَآ آٰمِّيۡنَ الۡبَيۡتَ الۡحَرَامَ

**ترجمو ڪنزالعرفان:** ۽ نہ ادب واري گهر جو قصد ڪري اچڻ وارن (جي مال ۽ عزت) کي (پامال ڪيو)

ادب واري گهر جو ارادو ڪري اچڻ وارن مان مراد جيڪي حج ۽ عمري لاءِ اچڻ وارا آهن ۽ حڪم ڏنو ويو آهي تہ جيڪو حج جي نيت سان نڪتو هجي، ان کي ڪجھ نہ چيو وڃي، بلڪ خدا جي گهر اچڻ وارن خدا جي مهمانن جي عزت ڪئي وڃي، انهن سان وڙهڻ، انهن کي برو ڀلو چوڻ، انهن تي رڙيون ڪرڻ، انهن کي ڌڪا ڏيڻ، انهن کي پڪڙڻ، بداخلاقي سان پيش اچڻ، پاڻ کي برتر سمجهڻ ۽ هنن مهمانن کي حقير سمجهڻ، هنن جي سفر کي عبادت جي بدران ڪمائي جو ذريعو بڻائي ڇڏڻ، حج جي ارڪانن ۾ ۽ عمري ۽ زيارتن جي ادائيگي ۾ آساني جي بدران تنگي ۽ سهولت جي بدران مشڪلاتون ڏيڻ وغيره سڀئي شيون قرآني حڪم جي خلاف آهن.

الله تعاليٰ اسان جي دلين کي پنهنجي نشانين جي تعظيم سان پيري ۽ اسان کي دلين جي تقويٰ عطا فرمائي.

اٰمِيۡن بِجَاهِ النَّبِيِّ الۡاَمِيۡن صلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم




مفتي محمد قاسم عطاري

**(1) مقتدي امام جي قيام جي دوران نماز ۾ شريڪ ٿئي تہ ثناء پڙهي يا نہ؟**

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ جيڪڏهن مقتدي امام جي قيام جي دوران نماز ۾ شريڪ ٿئي تہ ان کي ثناء يعني "سُبْحَانَكَ اللّٰهُمَّ۔۔۔اِلَخ" پڙهڻ گهرجي يا نہ؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَاب

جيڪڏهن مقتدي ان وقت نماز ۾ شريڪ ٿيو تہ امام صاحب بلند آواز سان سورت الفاتحہ جي تلاوت شروع ڪري چڪو آهي تہ ان کي حڪم اهو آهي تہ تڪبيرِ تحريمہ چئي هٿ ٻڌي ۽ خاموشي ۽ توجهہ سان قرآن پاڪ جي تلاوت سماعت ڪري. هاڻي "ثنا" پڙهڻ جي اجازت ناهي. البت امام صاحب جيڪڏهن آهستي قراءت ڪري رهيا آهن، جيئن ظهر ۽ عصر جي نماز ۾ آهستي تلاوت ڪئي ويندي آهي يا جهري نماز ئي هئي، پر اڃان امام صاحب قراءت شروع ناهي ڪئي تہ مقتدي کي گهرجي تہ تڪبير تحريمہ کان بعد ثنا پڙهي

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى اللّٰه عليه واٰلهٖ وسلَّم

**(2) مردن جو مرداڻو هيئر بينڊ استعمال ڪرڻ ڪيئن؟**

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ مرداڻو هيئر بينڊ (Hairband) جنهن جو اڄڪلهہ رواج آهي اهو مردن جو استعمال ڪرڻ ڪيئن؟

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَاب

پهريان تہ هيءَ ڳالهہ ذهن نشين رکو تہ مرد جي لاءِ ڪلهن تائين وار وڌائڻ جي اجازت آهي پر ڪلهن کان هيٺ وار وڌائڻ ناجائز ۽ حرام آهي جو هن ۾ عورتن سان مشابهت آهي. اهڙي طرح مرد جو پنهنجي وارن تي

هيئر بينڊ (Hairband) لڳائڻ بہ عورتن سان مشابهت جي سبب ناجائز ۽ حرام آهي جو حديث پاڪ ۾ عورتن سان مشابهت اختيار ڪرڻ وارن مردن تي لعنت ڪئي وئي آهي. پڻ ان جي ممانعت جو هڪ سبب اهو بہ آهي تہ اسان جي معاشري ۾ اهو عمل فاسقن ۾ رائج آهي ۽ فاسقن سان مشابهت وارو انداز اختيار ڪرڻ بہ منع هوندو آهي، تنهنڪري مردن جو پنهنجي وارن لاءِ هيئر بينڊ جو استعمال ڪرڻ ناجائز ۽ حرام آهي.

۽ جيستائين مرداڻي هيئر بينڊ جي ڳالھ آهي تہ، ان جي متعلق عرض آهي تہ ماڻهن ۾ جيڪي هيئر بينڊ مرداڻي جي نالي سان رائج آهن، ائين ناهي تہ ”هي عورتون انهن کي ناهن پائينديون ۽ اهي صرف مردن لاءِ خاص آهن“، بلڪ اهو هڪ مشاهدو آهي تہ عورتون بہ پنهنجي وارن کي منظم رکڻ يا سينگارڻ لاءِ اهڙا هيئر بينڊ استعمال ڪن ٿيون. جن کي مرد مرداڻا سمجهي استعمال ڪندا آهن. پڻ هيئر بينڊ پنهنجي اصل بناوٽ جي لحاظ کان بہ عورتن لاءِ ناهيو ويو آهي، تنهنڪري ان کي صرف مرداڻو سڏڻ سان عورت جي مشابهت ختم نہ ٿيندي، بلڪ عام طور تي جنهن مرد پنهنجي وارن تي هيئر بينڊ لڳايو هجي، تہ ماڻهو ان کي عجيب نظرن سان ڏسندا ۽ ان جي حالت کي عورتاڻو انداز ئي شمار ڪندا آهن.

پڻ جيڪڏهن بالفرض بازار ۾ ڪو اهڙو هيئر بينڊ هجي جيڪو خاص ڪري مرداڻو هجي، پوءِ جيتوڻيڪ هن صورت ۾ عورتن سان مشابهت واري معنٰي نہ پاتي وڃي، پر پوءِ بہ ممانعت جو حڪم باقي رهندو ۽ ان جو سبب اهو آهي تہ ”فاسقن سان مشابهت“ آهي يعني اسان وٽ فاسق ۽ فاجر ڇوڪرا ئي پنهنجي وارن تي هيئر بينڊ لڳائيندا آهن. تنهنڪري اهو مرداڻو هيئر بينڊ بہ پائڻ جي اجازت نہ هوندي.

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُہٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

### (3) امام رڪوع ۾ هجي تہ مقتدي جماعت ۾ ڪيئن شامل ٿيندو؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ تہ جيڪڏهن امام کي رڪوع ۾ پاتو، تہ ڇا مقتدي تي الله اڪبر چوڻ کان بعد هڪ ڀيرو سبحان الله چوڻ جي مقدار بينو رهڻ واجب آهي؟

بِسْمِ اللّٰہِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْم

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَھَّابِ اَللّٰھُمَّ ھِدَایَۃَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جڏهن امام رڪوع ۾ هجي ۽ ڪو مقتدي جماعت ۾ شامل ٿيڻ چاهي تہ ان لاءِ طريقو اهو آهي تہ بيني واري حالت ۾ تڪبير چوي ۽ ثنا پڙهي جڏهن تہ امام جي حالت معلوم هجي تہ رڪوع ۾ ايتري دير لڳائيندو جو مقتدي کي رڪوع ملي ويندو ۽ جيڪڏهن امام جي حالت معلوم نہ هجي يا اهو امڪان هجي تہ امام رڪوع کان مٿو ڪڍي وٺندو تہ بيني واري حالت ۾ تڪبيرِ تحريم چوڻ کان پوءِ فوري طور رڪوع ۾ هليو وڃي، بيني

واري حالت ۾ تڪبير چوڻ کان بعد هڪ ڀيرو سُبۡحٰنَ الله !چوڻ جي مقدار بيهڻ واجب ناهي.

البت تڪبير تحريمه بيٺي واري حالت ۾ چوڻ ضروري آهي، لهذا جيڪڏهن تڪبير تحريمه ايترو جهڪي ڪري چئي ته تڪبير ختم ٿيڻ کان پهريان ايترو جهڪي ويو جو هٿ ڊگهيڙي ته گوڏن تائين پهچي وڃن ته نماز نه ٿيندي. ۽ اهو به ياد رهي ته بيٺي بيٺي تڪبيرِ تحريمه چوڻ جي بعد تڪبيرِ رڪوع چوندي، رڪوع ۾ هليو وڃي جو اها تڪبير چوڻ سنت آهي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللّٰه علیه واٰلهٖ وسلَّم

## (4) جيڪڏهن ٻارن جي ڳِگ ڪپڙن تي لڳي وڃي ته.

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم ۽ مفتي سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته ٻارن جي وات مان هڪ خاص ليڪوڊ جيان نڪرندو آهي، جنهن کي سنڌي ۾ ”ڳگ“ چئبو آهي، جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو ٻار کي ڪنيو ۽ ٻار جي وات مان ڳگ نڪري ڪپڙن تي لڳي وئي. ته ڇا انهن ڪپڙن ۾ نماز پڙهي سگهون ٿا يا ڪپڙا مٽائي نماز پڙهڻ ضروري آهي؟

بِسۡمِ اللّٰهِ الرَّحۡمٰنِ الرَّحِيۡمِ

اَلۡجَوَابُ بِعَوۡنِ الۡمَلِكِ الۡوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الۡحَقِّ وَالصَّوَابِ

ٻار جي وات مان نڪرندڙ ڳِگ پاڪ آهي، جيڪڏهن ڪپڙن تي لڳي ته ڪپڙا پاڪ ئي رهندا ۽ ان ڪپڙن ۾ نماز پڙهڻ ۾ شرعي طور ڪو حرج ناهي.

مسئلي جي وضاحت هي آهي ته انسان جي وات مان نڪرندڙ ڳگ تڪ مان نهيل آهي ۽ انسان جي تڪ پاڪ آهي، ۽ فقهاءِڪرام ان ڳالهه کي واضح ڪيو آهي ته جيڪڏهن ننڊ جي حالت ۾ ڪنهن شخص جي وات مان ڳگ وهي ڪري ڪپڙن تي لڳي وڃي ته ڪپڙا پاڪ ئي رهندا، جيتوڻيڪ اها ڳگ پيٽ مان ئي آئي هجي ۽ ان مان بدبوءِ به اچي رهي هجي، تڏهن به پاڪ آهي، سو جيڪڏهن اها ڳگ ٻار جي وات مان نڪتي ۽ ڪپڙن تي لڳي وئي ته ان سان ڪپڙا ناپاڪ نه ٿيندا ۽ جڏهن ڪپڙا پاڪ آهن ته ان ۾ نماز ادا ڪرڻ ۾ به شرعًا ڪو حرج ناهي، البت نماز ۾ صفائي جو خاص خيال رکڻ گهرجي.

وَاللّٰهُ اَعۡلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوۡلُهٗ اَعۡلَم صلَّی اللّٰه علیه واٰلهٖ وسلَّم

# احکامِ تجارت



مفتي ابو محمد علي اصغر عطاري مدني
نظرثاني: عدنان احمد

## (1) مرحوم جي انشورنس (بيمه) جي رقم جو مالڪ ڪير هوندو؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا هن مسئلي جي باري ۾ ته اسان جي هڪ عزيز جو انتقال ٿي ويو آهي، ان انشورنس به ڪرائي هئي، ان جا تقريبًا چاليهه لک روپيا مليا آهن. اهو ٻڌايو ته ڇا انشورنس جي رقم به سيني وارثن ۾ ورهائي ويندي يا جنهن وارث کي ڪمپني ۾ دعويٰ ڪرڻ لاءِ مرحوم نامزد ڪيو هو، اها رقم صرف انهيءَ جي آهي؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: انشورنس ڪمپنيءَ کان مليل رقم ٻن قسمن جي هوندي آهي، هڪ اها رقم جيڪا پاليسي هولڊر طرفان جمع ڪرائي وئي آهي ۽ ٻي اها رقم هوندي آهي جيڪا ڪمپني پنهنجي طرفان اضافي ڏيندي آهي جيڪا وياج هوندي آهي، اها رقم جيڪا وياج آهي، ان باري ۾ شرعي حڪم هي آهي ته اها بغير ثواب جي نيت جي ڪنهن شرعي فقير کي ڏني وڃي ۽ اها رقم جيڪا مرحوم جمع ڪرائي هئي اها شرعي طريقي موجب سيني وارثن ۾ ورهائي ويندي، رڳو نامزد ڪيل وارث کي نه ملندي ڇو ته انشورنس ڪمپني ۾ نامزدگي ڪرائڻ جو مقصد مالڪ بڻائڻ ناهي هوندو. بلڪ مقصد اهو هوندو آهي ته جيڪڏهن پاليسي هولڊر مري وڃي ته نامزد ڪيل شخص کي دعويٰ ڪرڻ جو حق حاصل هوندو ته جيئن هو دعويٰ ڪري ڪمپنيءَ کان رقم وصول ڪري ۽ مرحوم جي حقيقي وارثن تائين اها رقم پهچائي. جڏهن مقصد مالڪ بڻائڻ ناهي هوندو ته پوءِ نامزد ڪيل شخص مالڪ به ناهي بڻجندو ۽ اها رقم سيني وارثن ۾ شرعي حصن جي مطابق تقسيم ٿيندي.

ملڪيت بغير ڪنهن کي مالڪ بڻائڻ جي ٻئي شخص جي طرف منتقل ناهي ٿيندي. جيئن رد المحتار ۾ آهي ته: ”ان ملك الانسان لاينقل الى الغير بدون تمليكه“ يعني ڪنهن انسان جي

مملوڪ شيءِ بغير ڪنهن کي مالڪ بڻائڻ جي بئي شخص جي ملڪيت ۾ داخل ناهي ٿيندي. (رد المحتار، 569/8 خلاصو)

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (2) گاڏي واري جو قبضو خريدار جو قبضو شمار ھئڻ جي صورت

سوال: ڇا فرمائن ٿا عالم سڳورا ھن مسئلي جي باري ۾ تہ جيڪڏھن خريدار سامان خريد ڪرڻ کان پوءِ وڪٽنڊڙ کي ھي چئي تہ اوھان منھنجي طرفان سامان لوڊ ڪرڻ واري گاڏي ڪرايو، گاڏيءِ جو ڪرايو منھنجي ذمي آھي تہ پوءِ ڇا گاڏي واري جو قبضو ڪرڻ خريدار جو قبضو چورائيندو؟

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: جيڪڏھن واقعي خريدار جي درخواست تي سامان وڪڻڻ وارو ڪنهن گاڏي جي مالڪ سان ڳالھائي سامان لوڊ ڪرائي ڏيندو تہ گاڏي واري جو قبضو ان شيءِ کي خريدڻ واري جو قبضو شمار ٿيندو ڇو تہ ھتي گاڏيءِ وارو ان خريدار جي طرفان وڪيل جي حيثيت سان ان سامان تي قبضو ڪري رھيو آھي ۽ وڪيل جو قبضو مؤڪل جو قبضو شمار ٿيندو آھي. ھتي گاڏي واري کي خريدار جي طرفان قبضو ڪرڻ جو وڪيل مڃڻ جو سبب اھو آھي تہ گاڏيءِ وارو خريدار جو اجير آھي ۽ ان جي لاءِ ڪم ڪري رھيو آھي ۽ انڪري پنھنجي ڪم جي اجرت خريدار کان وٺندو.

فتاوي عالمگير ۾ آھي: ”اذا قال المشترى للبائع ابعث الى ابنى، و استاجر البائع رجلا يحمله الى ابنه، فهذا ليس بقبض والاجر على البائع الا ان يقول: استاجر علیّ من يحمله، فقبض الاجير يكون قبض المشترى ان صدقه انه استأجرو دفع اِليه“ ترجمو: مشتري بائع کي چيو تہ سامان منھنجي پٽ کي پھچاءِ، بائع ھڪ شخص کي اجير بڻائي مال پٽ ڏي موڪليو تہ اھو قبضو ناھي ان جي اجرت بائع تي آھي. سواءِ ان جي تہ مشتري اھو چوي تہ اجير کي منھنجي طرفان اجرت تي رکي سامان موڪلي ڏي تہ اجير جو قبضو مشتري جو قبضو ھوندو، جڏھن تہ ھو ان ڳالھ جي تصديق ڪري تہ ھن کي اجير بڻائي سامان ڏنو ويو آھي. (فتاوىٰ عالمگير، 19/3)

وَاللّٰہُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّى الله عليه واٰلهٖ وسلَّم

## (3) مقروض کي قرض معاف ڪرڻ تي گذريل زڪوات جو حڪم؟

سوال: ڇا فرمائن ٿا علماءِ ڪرام ھن مسئلي جي باري ۾ تہ زيد 2017ع ۾ بڪر ۽ خالد کي ٽن سالن لاءِ ھڪ ھڪ لک روپيا قرض ڏنو ھو، ٽي سال گذري ويا پر اھي ٻئي مالي اسباب نہ ھئڻ جي ڪري قرض ادا نہ ڪري سگھيا، ھاڻي ھن کي ڇھ سال گذري چڪا

آهن، بڪر اجان بہ قرض ادا ڪرڻ جي قابل نہ آهي ۽ شرعي فقير آهي، جڏهن تہ خالد ادا ڪرڻ جي قدرت رکي ٿو ۽ امير بہ آهي، پر زيد انهن ٻنهي کي قرض معاف ڪري ڇڏيو آهي. زيد انهن ٻن لکن جي ڇهن سالن ۾ زکوات بہ ناهي ڪڍي. هاڻي معلوم اهو ڪرڻو آهي تہ زيد تي گذريل ڇهن سالن جي ان رقم جي زکوات ادا ڪرڻ لازم آهي يا نہ؟ ياد رهي تہ زيد ڪيترن ئي سالن کان صاحبِ نصاب آهي ۽ هر سال پنهنجي ٻي مال جي زکوات ادا ڪندو آهي.

اَلْجَوَابُ بِعَوْنِ الْمَلِكِ الْوَهَّابِ اَللّٰهُمَّ هِدَايَةَ الْحَقِّ وَالصَّوَابِ

جواب: جيڪا رقم زيد بڪر ۽ خالد کي معاف ڪئي اها معاف تہ ٿي وئي پر معاف ڪرڻ کان اڳ تقريبًا ڇهہ سال اها رقم واجب الاداء جي طور تي انهن ٻنهي تي قرض هئي ۽ ان دوران زيد ان رقم جي زکوات بہ ادا نہ ڪئي هئي تہ معاف ڪرڻ تي گذريل ڇهہ سالن جي زکوات جو حڪم ڇا ٿيندو؟

ان سوال جي جواب ۾ ڪجهہ تفصيل آهي ۽ اها هي تہ ان پهريل صورت ۾ زيد بڪر کي جيڪا رقم معاف ڪئي، ان رقم جي ڪنهن سال جي بہ زکوات ڪڍڻ زيد تي لازم نہ آهي، ڇو تہ جيڪڏهن قرضدار شرعي فقير هجي تہ ان کي قرض معاف ڪرڻ سان مال هلاڪ ٿي ويندو آهي ۽ وجوبِ زکوات کان بعد جيڪو مال هلاڪ ٿي وڃي ان تي زکوات لازم ناهي رهندي. البت زيد جيڪا رقم خالد کي معاف ڪئي آهي ان رقم جي گذريل ڇهن سالن جي زکوات ڪڍڻ زيد تي لازم آهي ڇو تہ جيڪڏهن قرضدار مالدار هجي تہ ان کي قرض معاف ڪرڻ پنهنجي مال کي پاڻ برباد ڪرڻ ۽ هڪ طرح سان معنوي طور خرچ ڪرڻ آهي ۽ وجوبِ زکوات جي بعد جيڪو مال خرچ ڪيو وڃي ان جي وجهہ سان ماضي جي واجب الاداء زکوات ساقط ناهي ٿيندي.

حضرت علامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَیْہ لکن ٿا: سال مڪمل ٿيڻ کان بعد مالڪِ نصاب، نصاب پاڻ هلاڪ ڪري ڇڏيو تہ زکوات ساقط نہ ٿيندي، مثال طور جانور کي گاهہ، پاڻي نہ ڏنو ويو ان ڪري مري ويو تہ زکوات ڏيڻي پوندي. ائين جيڪڏهن ان تي ڪنهن جو قرض هو ۽ اهو مقروض مالدار آهي سال مڪمل ٿيڻ کان بعد ان معاف ڪري ڇڏيو تہ اهو هلاڪ ڪرڻ آهي، لهذا زکوات ڏي ۽ جيڪڏهن اهو غريب هو ۽ ان معاف ڪري ڇڏيو تہ زکوات ساقط ٿي وئي. (بهار شريعت، 899/1)

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَرَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ والہٖ وسلَّم

# عمر فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي اوليات

مولانا حافظ حفيظ الرحمٰن عطاري

مسلمانن جي ٻئي خليفي حضرت عمر فاروقِ اعظم رضی اللہ عنہ جي ڪنيت ”ابو حفص“ ۽ لقب ”فاروقِ اعظم“ آهي. سندن اعلانِ نبوت جي ڇهين سال 39 مَردن کان پوءِ ايمان آندو.

(تاریخ الخلفاء ص86)

پاڻ رضی اللہ عنہ حضرت سيدنا صديق اڪبر رضی اللہ عنہ کان پوءِ سڀني اصحابن کان افضل آهن. پاڻ کي الله ڪريم ڪيترين ئي فضيلتن ۽ ڪمالات سان نوازيو آهي، ان سان گڏ ڪيترين ئي اَوّلِيات[1] سان پڻ نوازيو آهي.

اميرالمومنين حضرت سيدنا عمر فاروق اعظم رضی اللہ عنہ جن جي اسلام قبول ڪرڻ کان وٺي سندن وصال تائين ڪيئي اهڙا ڪم ۽ واقعا آهن جيڪي سڀ کان پهريان پاڻ رضی اللہ عنہ ڪيا يا ڪرايا يا سندن موجودگي ۾ پيش آيا، انهن مان ڪجهه هي آهن:

**(1)** رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي عظيم صحابي حضرت سيدنا عبدالله بن عباس رضي الله عنهما جي قول مطابق حضرت سيدنا فاروق اعظم رضي الله عنه اهي شخص آهن جنهن سڀ کان پهريان پنهنجي اسلام جو سرعام اعلان ڪيو

(معجم کبیر، 11/13، حديث:10890)

**(2)** فاروق اعظم (رضی اللہ عنہ) اهي شخص آهن، جن رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ظاهري وصال کان بعد سڀ کان پهرين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله عنه جي بيعت ڪئي.

(بخاري، 2/521، حديث:3668)

**(3)** فاروق اعظم رضی اللہ عنہ ئي اهي شخص آهن جن کي سڀ کان پهريان اميرالمؤمنين چيو ويو.

[1] (”اَوّلِيات“ ”اوّل“ جي جمع آهي ۽ ”اوّل“ ان ڪم کي چوندا آهن جيڪا ڪنهن شخص سان سڀ کان پهريان صادر ٿئي. (فاروق اعظم، 1/720)



(4) فاروق اعظم رضي الله عنه اسلام ۾ اهي پهريان امام آهن جن کي شهادت جو وڏو مرتبو مليو.

(تاريخ الخلفاء، ص106 ماخوذًا)

(5) فاروق اعظم رضي الله عنه پهريان شخص آهن، جن جنگ يمامه ۾ کيترن ئي حافظ صحابہ کرام جي شهادت کي ڏسي ڪري سڀ کان پهريان حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله عنه کي قرآن مجيد گڏ ڪرڻ جي صلاح ڏني هئي،

(بخاري، 3/398، حديث:4986 ماخوذ)

(6) تراويح جي جماعت نبي ڪريم صلى الله عليه واله وسلم جي دور ۾ ہ يا ٽي ڏينهن ٿي جنهن کان پوءِ حضور اڪرم صلى الله عليه واله وسلم ان عمل کي روڪي ڇڏيو تہ جيئن اها جماعت واجب نہ ٿي وڃي. فاروق اعظم رضي الله عنه اها شخصيت آهن جن سڀ کان پهرين تراويح جي جماعت بيهر بحال ڪئي ۽ قرآن جي قاري حضرت سيدنا ابي بن ڪعب رضي الله عنه کي امام مقرر ڪيو ۽ سيني ماڻهن کي سندن تقليد ۾ نماز پڙهڻ جو حڪم ڏنو.

(بخاري، 1/658، حديث:2010، مصنف ابن ابي شيبه، 19/538، حديث: 36974)

(7) فاروق اعظم رضي الله عنہ اها پهرين شخصيت آهي جن جي سربراهي ۾ جنازي جي نماز جي چئن تڪبيرن تي اجماع قائم ٿيو.

(مصنف ابن ابي شيبه، 7/267، حديث:11564، الاوائل للعسڪري، ص 164)

(8) فاروق اعظم رضي الله عنه اها عظيم هستي آهن جنهن سڀ کان پهريان پنهنجي مال کي پنهنجي قبضي ۾ رکيو ۽ ان مان نفعو الله جي راهہ ۾ خيرات ڪيو.

(شعب الايمان، 3/246، حديث:3446)

(9) فاروق اعظم رضي الله عنه اها پهرين شخصيت آهن جنهن امامن، مؤذنن، استادن جون پگهارون مقرر ڪيون.

(تاريخ بغداد، 2/79، نمبر:460)

(10) شاهہ ولي الله محدث دهلوي رحمة الله عليہ جي قول مطابق، فاروق اعظم رضي الله عنه اها پهرين شخصيت آهن جن مسجد حرام کي وسيع ۽ ڪشادو ڪرڻ جو انتظام ڪيو.

(ازالة الخفاء، 3/235)

(11) فاروق اعظم رضي الله عنه اها شخصيت آهن جنهن سڀ کان پهرين مسجدن کي آباد ڪرڻ لاءِ انهن کي روشن ڪرڻ جو خاص بندوبست ڪيو، جنهن تي مولا علي رضي الله تعاليٰ عنہ دعا فرمائي تہ الله تعالي عمر جي قبر کي اهڙي طرح روشن ڪري. جيئن انهن مسجدن کي روشن ڪيو.

(روح البيان، 3/400)

(12) فاروق اعظم رضي الله عنه ئي اها پهرين شخصيت آهن جن جي حڪم تي مسجد نبوي جو فرش پڪو ڪيو ويو.

(مصنف ابن ابي شيبه، 19/564، حديث:37058)

**(13)** فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پهريان شخص آهن جنهن ننڍڙن ٻارن ۽ يتيمن ۽ مختلف ماڻهن لاءِ وظيفو مقرر ڪيو.

(طبقات ابن سعد، 3/214، موطا امام مالک، 2/260، حدیث: 1482 ملخصًا)

**(14)** فاروق اعظم رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ سڀ کان پهريان مسافر خانا ۽ اناج جا گودام ٺاهيا، جن مان مسافرن جي مدد ڪئي ويندي هئي.

(طبقات ابن سعد، 3/214)

**(15)** حديث پاڪ ۾ آهي ته فاروق اعظم رضي الله عنه اها شخصيت آهن جن کي قيامت جي ڏينهن سڀ کان اول اعمالنامو ساڄي هٿ ۾ ڏنو ويندو.

(تاریخ ابن عساکر، 30/154)

الله پاڪ اسان کي شانِ فاروقي کي سمجهڻ ۽ ان جي واٽ تي هلڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہُ عَلَیْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

**تمام صحابهء ڪرام عليهم الرضوان**

حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم جي گلشن جا خوشبودار گل آهن ۽ هر گل جي پنهنجي الگ دل کي وڻندڙ خوشبو هوندي آهي. هوئنئن ته تمام صحابهء ڪرام عليهم الرضوان گهڻن ئي وڏن ۽ بلند رتبن وارا آهن پر الله پاڪ انهن مان ڪن کي ڪن تي فضيلتون عطا فرمايون آهن ۽ ڪن جون ته اهڙيون خاصيتون آهن جيڪي انهن کان علاوه ڪنهن ٻين ۾ نه ٿيون پاتيون وڃن. انهن عظيم پاڪ هستين مان هڪ هستي حضرت عثمان غني رضي الله عنه جي به آهي اچو سندن ڪجهه خاصيتون ملاحظ فرمايو:

**رسول الله صلي الله عليه وسلم جو هٿ، عثمان غني جو هٿ:** حضور اڪرم صلي الله عليه وسلم پنهنجي هٿ مبارڪ کي حضرت عثمان غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جو هٿ قرار ڏنو، بهرحال حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّم جن حديبيه مان حضرت عثمان رَضِيَ اللهُ عَنْهُ کي قريش جي سردارن ڏي مڪي پاڪ موڪليو ته جيئن انهن کي هن ڳالهه جي خبر ڏي ته حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَآلِهِ وَسَلَّمَ بيت الله جي زيارت جي لاءِ عمري جي ارادي سان تشريف کڻي آيا آهن ۽ سندن جنگ ڪرڻ جو ارادو ناهي. قريش پاڻ رضي الله عنه کي روڪي ڇڏيو ۽ حديبيه ۾ هيءَ خبر مشهور ٿي وئي ته حضرت عثمان غني

# حضرت عثمانِ غني رَضِيَ اللهُ عَنْهُ جون خاصيتون



رضي الله عنہ کي شهيد ڪيو ويو آهي ان تي مسلمانن کي وڏو جوش آيو (خازن، الفتح، تحت الآية:18، 4/ 150، 151ماخوذاً) ۽ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن صحابہِ ڪرام رَضِیَ اللہُ عَنْھُم سان ڪافرن جي مقابلي ۾ جهاد تي ثابت قدم رهڻ جي بيعت ورتي. حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن پنهنجو کابو هٿ مبارڪ پنهنجي ساڄي هٿ مبارڪ تي رکيو ۽ فرمايائون هيءَ عثمان جي بيعت آهي.

(ترمذی،5 /395،حديث: 3726ماخوذاً(3)ابن ماجہ،1 /79،حديث:110)

**ذُوالنورين:** حضرت عثمان غني رضي الله عنہ اها واحد شخصيت آهي جنهن جي نڪاح ۾ حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جون ٻہ شهزاديون يڪي بعد ديگري ( يعني هڪ کان پوءِ ٻي) آهيون. پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان علاوه ڪنهن ٻئي کي اهڙو اعزاز حاصل نہ ٿيو. تنهنڪري پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي ذوالنورين يعني ٻن نورن وارو بہ چيو ويندو آهي.

**الله پاڪ جي طرفان عثمان غني جو نڪاح:** صحابہ ڪرام مان حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي هڪ هي بہ اعزاز حاصل آهي تہ الله پاڪ حضرت ام ڪلثوم رَضِیَ اللہُ عَنْھَا سان سندن نڪاح ڪيو جيئن حديث شريف ۾ آهي: حضور اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجد جي دروازي وٽ حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہُ سان مليا تہ فرمايائون: اي عثمان! هي جبريل آهي هن مونکي ٻڌايو آهي تہ الله پاڪ ام ڪلثوم رَضِیَ اللہُ عَنْھَا سان اوهان جو نڪاح ڪري ڇڏيو آهي رقيہ جيتري مهر سان، انهيءَ جهڙي رفاقت لاءِ.

(ابن ماجہ،1 /79،حديث:110)

**گهر ۾ رهڻ جو حڪم ۽ جنگ بدر ۾ شرڪت ڪرڻ جي بغير اجر ۽ غنيمت ۾ حصو:** حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کي جنگ بدر ۾ شرڪت نہ ڪرڻ جي باوجود جنگ بدر ۾ شريڪ ٿيڻ وارن وانگر فضليت بلڪ باقاعده مالِ غنيمت مان حصو بہ ڏنو ويو. جيئن بخاري شريف ۾ آهي: حضرت عبد الله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْھُمَا فرمائن ٿا تہ حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جنگ بدر ۾ شريڪ نہ ٿيا هئا، ڇوتہ رسول اڪرم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شهزادي حضرت رقيہ رَضِیَ اللہُ عَنْھَا کين جي نڪاح ۾ هيون ۽ اهي انهن ڏينهن ۾ بيمار هيون. نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو تہ عثمان رضي الله عنہ کي جنگ بدر ۾ شريڪ ٿيڻ واري ماڻهو جيترو اجر ملندو ۽ مال غنيمت مان حصو بہ ملندو.

(بخاری،2 /352،حديث:3130)

**بيهر جنت خريدي ورتي:** پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ پنهنجي مبارڪ زندگي ۾ نبيءِ رحمت کان بہ مرتبہ جنت خريدي، جيئن بخاري شريف ۾ آهي: جڏهن حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي گهر کي گهيرو ڪيو ويو هو ان وقت پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ گهيرو ڪرڻ وارن کي فرمايو: ڇا توهان نٿا ڄاڻيو تہ حضور فرمايو آهي: جنهن رومہ جي کوهہ کي

ڪوٺيو يعني (خريد ڪيو) ان جي لاءِ جنت آهي، تہ مون اهو کوھ خريد ڪيو هو. ڇا توهان نٿا ڄاڻو تہ حضور صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم فرمايو جن جنهن غزوهءِ تبوڪ جي لاءِ سامان مهيا ڪيو (يعني ڏنو) ان جي لاءِ بہ جنت آهي. مون سامان مهيا ڪيو هو. (يعني ڏنو هو) (بخاری،2/246،حدیث:2778) انهن ٻنهي واقعن جي تفصيل ملاحظ فرمايو: هڪ موقعي تي مدينہ منوره ۾ رومہ نالي جو کوھ 35 هزار درهم ۾ خريد ڪري مسلمانن تي وقف ڪري جنت جي بشارت ماڻي. (معجم کبیر،2/41،حدیث:1226) پاڻ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ غزوهءِ تبوڪ جي موقعي تي 600 اٺ ساز و سامان سان گڏ راهِ خدا ۾ صدقي ڪرڻ جو اعلان ڪيو تہ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم منبر تان هيٺ لهي آيا ۽ فرمايائون اڄ کان عثمان جيڪو ڪجھ ڪري ان تي مواخذه (يعني پڇا ڳاڇا ڪونهي)

(ترمذی،5/391،حدیث:3720ملخصاً)

حڪيم الامت مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَۃُ اللہِ عَلَيْہ هن حديث جي شرح ۾ لکن ٿا: حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم ٽي دفعہ چندي جي اپيل ڪئي تہ حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہُ هر دفعي ۾ هڪ سؤ، ٻہ سؤ، ٽي سؤ اُٺن سان گڏ سامان ڏيڻ جو بہ اعلان ڪيو، ڪل ڇھ سؤ اُٺ پيش ڪرڻ جو اعلان ڪيائون، پر حاضر ڪرڻ وقت 950 اٺ 50 گهوڙا ۽ 1000 اشرفيون پيش ڪيائون پوءِ بعد ۾ وري 10 هزار اشرفيون ٻيون بہ پيش ڪيائون.

(مرآۃ المناجیح،8/395ملخصاً)

مجھے گر مل گیا بحرِ سخا کا ایک بھی قطرہ
مِرے آگے زمانے بھر کی ہو گی ہیچ سلطانی

ملائڪ بہ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان حيا ڪن ٿا: هن امت ۾ حضرت عثمان غني سڀ کان وڌيڪ حيا ڪندڙ آهن ۽ ملائڪ بہ حضرت عثمان رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان حيا ڪن ٿا، جيئن حضرت ابو قِلابہ رَضِیَ اللہُ عَنْہُ فرمائن ٿا تہ: حضور صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: منهنجي امت ۾ حيا جي لحاظ کان سڀ کان وڌيڪ صالح حضرت عثمان رضي الله عنہ آهي (مصنف ابن ابی شیبہ،17/77،حدیث: 32691) ۽ هڪ ڊگهي حديث شريف ۾ آهي تہ حضور اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَيْہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو تہ: ”آءٌ ان شخص سان ڪيئن حياءُ نہ ڪريان جنهن کان ملائڪ بہ حيا ڪندا آهن)

(مسلم،ص1004،حدیث:6209)

الله پاڪ اسان کي بہ حضرت عثمان غني رَضِیَ اللہُ عَنْہُ جي سيرت پڙهي ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ النَّبِيِّ الْاَمِين صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

# شهيد ڪربلا حضرت امام حسين رضي الله عنه

# جون 13 نصيحتون

مولانا عمران اختر عطاري

**پيارا اسلامي ڀائرو!** اڄ اسان ان عظيم هستي جي فرمانن سان پنهنجي دنيا ۽ آخرت جا رستا روشن ڪنداسين، جن جي بي پناهه عقيدت ۽ محبت مسلمانن جي دلين ۾ رهي ٿي، جيڪي نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا آهن. جگر گوشه بتول، شهيد ڪربلا، امام عالي مقام، امام عرش مقام جي لقبن سان ۽ حضرت امام حسين رضي الله عنه جي نالي سان مسلمانن جي ٻار ٻار جي ويجهو ڄاتل سڃاتل شخصيت آهن.

**پاڻ رضي الله عنه فرمائن ٿا:**

**(1)** ڄاڻي ڇڏيو ته! اوهان وٽ محتاج ماڻهن جو اچڻ به الله تعاليٰ جي هڪ نعمت آهي، تنهنڪري نعمتن ڪان بيزار نه ٿجو ڪاٿي اهي زحمت نه بڻجي وڃن.

**(2)** يقين رکو! نيڪي تعريف ڪرائيندي آهي ۽ اجر ڏياريندي آهي.

جيڪڏهن توهان نيڪي کي ڪنهن انسان جي روپ ۾ ڏسي وٺو ته ضرور توهان کي ايترو خوبصورت نظر ايندو جو ڏسڻ وارا خوش ٿي وڃن.

**(3)** جيڪڏهن تون ڪمينگيءَ کي ڪنهن مرد جي روپ ۾ ڏسي وٺين ته يقيناً هو توکي ايترو بڇڙو ۽ بدصورت نظر ايندو جو تنهنجي دل ۾ ان ڪان نفرت پيدا ٿيندي ۽ تنهنجون اکيون ان ڪان ڦري وينديون.

**(4)** ياد رکو! جيڪو سخاوت ڪري ٿو اهو سردار بڻجي وڃي ٿو ۽ جيڪو بخل سان ڪم وٺي ٿو اهو ذليل رسوا آهي.

**(5)** جيڪو پنهنجي ڀاءُ سان نيڪي



ڪرڻ ۾ جلدي ڪندو، سياڻي (قيامت جي ڏينهن) جڏهن ان جا عمل ان جي سامهون پيش ڪيا ويندا ته اهو ان ۾ هي عمل به موجود ڏسندو.

(سبل الهدي والرشاد، 78/11)

**(6)** نيڪ ڪمن ۾ هڪ ٻئي کان اڳتي وڌڻ جي ڪوشش ڪريو ۽ مفت جو ثواب حاصل ڪرڻ ۾ هڪ ٻئي سان مقابلو ڪريو.

**(7)** اُن نيڪي کي ڪنهن حساب ۽ شمار ۾ نه رکجان جنهن کي ڪرڻ ۾ تو جلدي نه ڪئي هجي.

**(8)** مقصدن کي پورو ڪري ماڻهن جي ساراهه حاصل ڪريو، ڪمن کي ٽاري ٽاري ملامتون نه ڪٺو.

**(9)** ڪنهن سان ڪيتري به چڱائي ڪئي وڃي، جيتوڻيڪ هو شڪر گذار نه به هجي تڏهن به الله تعاليٰ ان جي طرفان بدلو ڏيندو، بيشڪ هو عطا ڪرڻ ۽ بدلو ڏيڻ ۾ عظيم آهي.

**(10)** ماڻهن ۾ سڀ کان وڏيڪ سخي اهو آهي جيڪو ڪنهن اهڙي شخص کي نوازي جنهن کي نوازيو وڃڻ جي اميد به نه هجي.

**(11)** ماڻهن ۾ بهترين معاف ڪرڻ وارو اهو آهي جيڪو طاقت ۽ اختيار جي باوجود معاف ڪري ڇڏي.

**(12)** ماڻهن ۾ سڀ کان وڌيڪ ملنسار اهو آهي، جيڪو انهن سان به ميل جول رکي جيڪي ساڻس لاڳاپا ٽوڙي ويا آهن.

**(13)** جيڪو شخص الله جي رضا جي خاطر پنهنجي ڀاءُ سان ڀلائي ڪري ته الله تعاليٰ ان کي ان ڀلائي جي بدلي ان وقت سندس ڪافي هوندو جڏهن هو پاڻ ضرورتمند هوندو ۽ ان جي انهن دنياوي آزمائشن کي ختم ڪري ڇڏيندو جيڪي ان کان به وڌيون هونديون (جيڪي سندس ڀاءُ تي آيون هيون)

(التذڪرة الحمدونية، 1/ 102، رقم: 186، ملتقطاً)



# حسيني ڪردار کي اپنايو

دعوت اسلامي جي مرڪزي مجلس شوريٰ جا نگران مولانا محمد عمران عطاري
نظرِ ثاني: اويس يامين.

”حسين“ جو نالو وٺندي ئي هن نالي جي عظيم شخصيت سان وابسته ڪيئي اهم ڳالهيون اسان جي ذهن ۾ اچڻ لڳنديون آهن، مثال طور رسول صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا ڏوهٽا. جنت جي نوجوانن جا سردار ۽ فاطمة الزهرا رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهَا جي جگر جا ٽڪرا، بهادر پيءُ جا بهادر پٽ، هر معاملي ۾ پنهنجي رب جي رضا جا طلبگار، دين اسلام جي لاءِ پنهنجو سڀ ڪجهه قربان ڪرڻ وارا، حق جو مان مٿاهون ڪرڻ وارا ۽ باطل جي اڳيان نه جهڪڻ وارا، پنهنجا رات ڏينهن پنهنجي ڪريم رب جي اطاعت و عبادت ۾ گذارڻ وارا الله پاڪ جا هڪ خاص ٻانها، ميدانِ جنگ هجي يا وري ميدانِ امن ۽ عمل ٻنهي ۾ جن جو ڪردار ناقصن کي ڪامل ٿيڻ جي دعوت ڏئي ٿو ۽ ڪاملن جي به رهنمائي ڪندي نظر اچي ٿو.

دنيا جي موجوده صورتحال جي پيش نظر ميدانِ جنگ ميسر اچڻ ۽ ان ۾حسيني ڪردار جو ادا ڪرڻ جيتوڻيڪ هر ڪنهن جي وس جي ڳالهه ناهي. پر امن ۽ عمل جو ميدان اڃا به سيني جي لاءِ خالي آهي، هر ڪو هاڻي به عملي طور تي حسيني ڪردار ادا ڪرڻ چاهي ته ڪري سگهي ٿو، بلڪ هر هڪ کي اهو ڪردار ادا ڪرڻ به گهرجي ڇو ته اها وقت جي ضرورت به آهي ۽ شريعت جي ضرورت به. **حُسيني ڪردار جي برڪت سان دشمن محبت ڪرڻ وارو بڻجي ويو:** هڪ دفعي هڪ شخص جيڪو حضرت سيدنا علي المرتضيٰ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ کان بغض رکندو هو، ان **حضرت امام حُسَين** رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ جي سامهون سندس ۽ سندن والدِ محترم کي برو ڀلو چوڻ شروع ڪري ڏنو. پاڻ رَضِىَ اللّٰهُ عَنْهُ ان کي ملامت ڪرڻ يا غير مناسب جوابي ڪاروائي ڪرڻ بدران اعوذ بِاللّٰه ۽ ”بِسۡمِ اللّٰهِ“ پڙهڻ کان پوءِ هي آيتون مبارڪ تلاوت فرمايون:



خُذِ الۡعَفۡوَ وَاۡمُرۡ بِالۡعُرۡفِ وَاَعۡرِضۡ عَنِ الۡجٰهِلِيۡنَ ﴿۱۹۹﴾
وَاِمَّا يَنۡزَغَنَّكَ مِنَ الشَّيۡطٰنِ نَزۡغٌ فَاسۡتَعِذۡ بِاللّٰهِ ؕ
اِنَّهٗ سَمِيۡعٌ عَلِيۡمٌ ﴿۲۰۰﴾ اِنَّ الَّذِيۡنَ اتَّقَوۡا اِذَا مَسَّهُمۡ
طٰٓئِفٌ مِّنَ الشَّيۡطٰنِ تَذَكَّرُوۡا فَاِذَا هُمۡ مُّبۡصِرُوۡنَ ﴿۲۰۱﴾

(پاره9،سورة الاعراف:199-201)

ترجمو كنزالايمان: اي حبيب! معاف كرڻ اختيار كر ۽ ڀلائي جو حكم ڏي ۽ جاهلن كان منهن موڙ. ۽ اي ٻڌندڙ! جيكڏهن شيطان جي طرف كان كو وسوسو توكي اڀاري تہ (يكدم) الله جي پناهہ گهر، بيشك اهو ئي ٻڌڻ وارو ڄاڻڻ وارو آهي. بيشك پرهيزگارن كي جڏهن شيطان جي طرف كان كو خيال ايندو آهي تہ اهي(خدا جو حكم) ياد كندا آهن پوءِ انهيءَ وقت انهن جون اكيون كلي ونديون آهن.

ان كان پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان شخص كي چيائون تہ: پنهنجي مٿان بار هلكو كر! مان الله پاك كان پنهنجي لاءِ ۽ تنهنجي لاءِ بخشش گهران ٿو ۽ پوءِ پاڻ رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ان لاءِ دعا كئي. ان شخص سان سندن ايترو تہ عفو و درگذر، نرمي ۽ خوش اخلاقي سان پيش آيا جو ان جي دشمني يكدم محبت ۾ تبديل ٿي وئي ۽ چوڻ لڳا: ”مَا عَلَى وَجْهِ الْاَرْضِ اَحَبُّ اِلَیَّ مِنْهُ وَمِنْ اَبِيهِ“ يعني روئي زمين تي مون كي حضرت سيدنا امام حسين ۽ سندن والد محترم كان وڌيك ڀيو كوبہ محبوب كونهي.

(تفسيرالبحر المحيط،446/4- تفسير قرطبی،250/4)

## جنتي نوجوانن جي سردار جي كثرت سان عبادت:

شهزادهءِ امام عالي مقام حضرت سيدنا امام زين العابدين رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه پنهنجي والد محترم جي باري ۾ فرمائن ٿا: كَانَ يُصَلِّيْ فِي الْيَوْمِ وَاللَّيْلَةِ اَلْفَ رَكْعَةً يعني امام عالي مقام رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ ڏينهن ۽ رات ۾ هزار ركعتون نفل ادا كندا هئا.

(عقد الفريد، 115/3)

## منهنجا امام ڀلائي جا سيئي كم كثرت سان كندا ها:

حضرت سيدنا امام ابو الحسن علي بن محمد بن محمد عزّالدين ابن اثير جزري رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لكن ٿا: حضرت سيدنا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ روزا نماز،حج ، صدقي ءِڀلائي جا سيئي كم كثرت سان كندا ها. سندن جي باري ۾ ذكر آهي تہ سندن 25 حج پيادل ادا كيا.

(اسد الغابة،28/2-تاريخ ابن عساكر، 180/14)

## زندگيءَ جي آخري نماز بہ جماعت سان ادا كئي:

10 محرم شريف 61 هجري جي صبح جو منهنجي آقا امام حسين رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ پنهنجي زندگي جي آخري نماز بہ جماعت سان ادا كئي.

(الكامل فی التاريخ،417/3)

رت جي پياسن جا بہ خير خواهہ:

عاشورا جي ڏينهن منهنجي امام يزيدين جي سامهون هڪ خطبو ڏنو، جنهن جي ذريعي انهن کي آخرت جي بربادئ کان ڊيڄاريو، سندن انهن کي ارشاد فرمايو: ”ناحق خون حرام آهي ۽ الله جي غضب کي اڀارڻ وارو آهي“ مان توهان کي آگاهہ ڪيان ٿو تہ توهان هن گناهہ ۾ مبتلا نہ ٿيو، مون ڪنهن کي قتل ناهي ڪيو، ڪنهن جي گهر کي ناهي ساڙيو، ڪنهن تي حملو ناهي ڪيو. جيڪڏهن توهان پنهنجي شهر ۾ منهنجو اچڻ پسند نٿا ڪيو تہ مون کي واپس وڃڻ ڏيو، مان توهان کان ڪنهن شي جو طلبگار نہ آهيان، توهان چو منهنجي زندگي جي پويان پيا آهيو ۽ توهان ڪهڙي طرح منهنجي خون جي الزام کان بري ٿي سگهو ٿا محشر جي ڏينهن توهان وٽ منهنجي خون جو ڪهڙو جواب هوندو. (سوانح ڪربلا،ص137) پر هن نصيحت وارين ڳالهين جو انهن بد بختن تي ڪجهہ بہ اثر نہ ٿيو بلڪ اهي پنهنجي آخرت کي برباد ڪرڻ تي ئي راضي رهيا آخرڪار انهن بيبي فاطمہ جي شهزادي کي شهيد ڪري پنهنجي آخرت برباد ڪري ئي ڇڏي.

منهنجي تمام عاشقانِ صحابہ ۽ عاشقانِ اهلِ بيت سان فرياد آهي! حسيني ڪردار تي غور ڪرڻ سان گڏو گڏ پنهنجي ڪردار جو بہ جائزو وٺو، امام عالي مقام تہ پاڻ کي برو پلو چوڻ وارن کي بہ معاف فرمائي ڇڏين ۽ دشمنن جو بہ ڀلو ئي چاهين جڏهن تہ اسان پنهنجي مخالفن جي ڳلي پئجي انتقام جي باهہ ۾ سڙي نقصان پهچائڻ سان گڏو گڏ پنهنجي دنيا ۽ آخرت کي برباد ڪري ڇڏيون امام حسين تہ پنهنجا فرض ۽ واجب وقت تي ادا ڪن ۽ ڪثرت سان نفل پڙهن بلڪ ڀلائي جا سمورا ڪم ئي ڪثرت سان ادا ڪن دشمنن جي گهيري ۾ رهي ڪري بہ نمازون جماعت سان ادا ڪن ۽ امام حسين سان محبت ڪرڻ وارا پنهنجي قيمتي زندگي نيڪين کان پري ۽ گناهن ۾ مصروف رهي گذارين، فرضن جي بجا آوري کي اهميت ڏيڻ جي بدران دنيا ڪمائڻ ۽ دنيا ناهڻ کي ئي اهم سمجهن، امامِ مظلوم تہ دين جي سر بلندي جي خاطر سڀ ڪجهہ قربان ڪري ڇڏين جڏهن تہ اسان ذلت واري دولت حاصل ڪرڻ جي خاطر دين اسلام جي ئي احڪامن جي ڀڃڪڙي ڪيون، ڪربلا جا شهيد تہ پوري ڏاڙهي ۽ عمامي وارا هئا، ۽ اسان ڏاڙهي جهڙي عظيم سنت کي ڪوڙائي ڪري نالين ۾ وهايون، عمامو پائڻ تہ پري رهيو ٽوپي پائڻ بہ پسند نہ ڪيون. ڇا محبتِ حسين انهيءَ جو نالو آهي؟ الله پاڪ اسان کي حسيني ڪردار کي حقيقي معنيٰ ۾ اپنائڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَيۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّم

# مان به قرآن سکنديس

ام ميلاد عطاريه
(نگران عالمي مجلس
مشاورت دعوت اسلامي)

الله پاڪ ماڻهن جي رهنمائي جي لاءِ انهن ڪي سيني ڪان افضل ڪتاب قرآنِ ڪريم جو تحفو عطا فرمايو. قرآن ڪريم ۾ جهڙي طرح مردن جي لاءِ احڪام ۽ هدايتون بيان ٿيون آهن، اُتي عورتن جي لاءِ به خصوصي مسئلا ۽ نصيحتون بيان ٿيون آهن ۽ انهن تي عمل ڪرڻ جي تاڪيد ڪئي وئي آهي. ضرورت هن ڳالهه جي آهي ته عورتون به قرآن شريف پڙهڻ سکن. ان جي احڪامن تي غور ڪن ۽ ان جي تعليمات تي عمل ڪن. قرآن ڪريم سکڻ. پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي ضرورت و اهميت ان جي لاءِ به آهي جو ان ۾ اسان جي نجات ۽ دين ۽ دنيا جو فائدو آهي.

جيتوڻيڪ عورتن جي هڪ تعداد قرآن پاڪ ڪان محبت، ان جي تلاوت ۽ ان تي عمل جي ڪوشش ڪري ٿي، پر هڪ وڏي تعداد اهڙي به آهي جيڪا قرآن ڪريم جي تلاوت ۽ ان جي تعليمات ڪان دور آهي، بلڪ ڪيئي عورتن ڪي ته قرآن پڙهڻ به ناهي ايندو ۽ نه ان جي لاءِ وقت ڪڍنديون آهن، افسوس دنيا جي ٻين ڪمن جي لاءِ ته وقت آهي پر قرآن سکڻ جي لاءِ وقت ناهي. ياد رهي جيڪڏهن اوهان قرآن جي ويجهو ايندين ته ان جي روحانيت ۽ نورانيت نه صرف اوهان ڪي نصيب ٿيندي بلڪ اوهان جي اولاد ۽ اوهان جي نسلن ڪي به ان جي برڪتن مان حصو ملندو، تاريخ ۾ اهڙين



ڪيئي عورتن جو ذڪر ملي ٿو جيڪي ڪثرت سان ڪلام پاڪ جي تلاوت جو جذبو رکنديون هيون، هن حوالي سان غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه جي والده محترمہ جي سيرت ۾ بہ اسان جي لاءِ بهترين درس موجود آهي، پاڻ ايتري قدر ڪثرت سان تلاوتِ قرآن ڪنديون هيون جو غوث پاڪ رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه پنهنجي والده جي پيٽ مان ئي 18 سيپارا حفظ ڪري ورتا. (الحقائق في الحدائق، ص 140 ملخصاً) هي واقعو ان ڳالھ جي واضح مثال آهي تہ جيڪي مائرون قرآن پاڪ جي تلاوت جون عادي هونديون آهن، انهن جي اولاد کي بہ ان جون برڪتون ۽ انوار نصيب ٿيندا آهن.

بحيثيت مسلمان اسان کي اهو سوچڻ گهرجي تہ جيڪو ڪتاب اسان جي هدايت ۽ رهنمائي جي لاءِ نازل ٿيو جيڪڏهن اڄ تائين ان کي درست پڙهڻ ۾ اسان ڪامياب نہ ٿي سگهيون سين تہ ڇا هي اسان جي لاءِ لمحهءِ فڪريہ ناهي؟ اسان سيني جيتري زندگي گذاري ان جو جائزو وٺون تہ اسان کي هيتري سالن ۾ ايترو وقت بہ نہ ملي سگهيو جو پنهنجي ربّ پاڪ جو ڪلام ان انداز ۾ پڙهڻ سکي سگهون جهڙي طرح ان جي پڙهڻ جو اسان کي حڪم فرمايو ويو آهي؟ هاڻي بہ وقت آهي قرآن کي تجويد ۽ صحيح مخارج سان پڙهڻ جو جذبو پنهنجي اندر پيدا ڪيو ۽ عورتون چوتہ اولاد جي تعليم ۽ تربيت جون بہ ذميدار آهن تہ انهن جي هي بہ ذميداري ٻڌجي ٿي تہ انهن سان تعلق رکڻ واري افراد کي بہ نہ صرف صحيح لهجي سان قرآن پڙهڻ ايندو هجي بلڪ شوقِ تلاوت جو جذبو بہ بيدار ٿئي. اي ڪاش! اسان چڱي انداز ۾ قرآن ڪريم پڙهڻ ۽ قرآن جي احڪام تي عمل ڪرڻ ۾ ڪامياب ٿي وڃون. جن عورتن کي قرآن ڪريم صحيح پڙهڻ نٿو اچي انهن کي گهرجي تہ درست مخارج ۽ تجويد سان قرآن ڪريم سکڻ جي لاءِ پنهنجي علائقي ۾ لڳڻ واري دعوت اسلامي جي مدرسة المدينہ بالغات ۾ داخلا وٺي ڪري پڙهڻ شروع ڪن ۽ جن عورتن کي درست پڙهڻ اچي ٿو انهن کي گهرجي تہ اهي ٻين عورتن کي سيکارڻ جي ڪوشش ڪن اِنْ شَآءَاللّٰه ان جون تمام گهڻيون برڪتون ملنديون. ان سان گڏوگڏ تمام مسلمان خواتين کي گهرجي تہ روزانو نہ صرف قرآن پاڪ جي تلاوت جو معمول ٺاهين بلڪ ترجمو ۽ تفسير پڙهڻ جي بہ عادت ٺاهين ان جي برڪت سان خبر پوندي تہ قرآن اسان کي ڇا ٿو چئي، هي بہ خبر پوندي تہ قرآن اسان کي ربّ تعاليٰ جو ڇا پيغام ڏي ٿو، جن ڪمن جو الله پاڪ حڪم ڏنو آهي ۽ جن سان منع ڪيو آهي انهن جي باري ۾ خبر پوندي تہ نبي ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان ۽ عظمت دل ۾ ويهي ويندي، پهرين قومن تي اچڻ واري عذابن جا سبب پڙهي ڪري خوفِ خدا نصيب ٿيندو، نيڪ ٻانهن جو تذڪرو پڙهي

ڪري نيڪين سان محبت پيدا ٿيندي ان
کان علاوه دين ۽ دنيا جي لاءِ ڪيئي مفيد
ڳالهيون معلوم ٿينديون. ترجمو ۽ تفسير
پڙهڻ جي لاءِ بهترين آسان ۽ دلچسپ
تفسير” تفسير صراط الجنان“ آهي. انهيءَ
طرح مفتي محمد قاسم عطاري جي لکيل
ڪتاب”عورت ۽ قرآن“ هر عورت ڪي پڙهڻ
گهرجي هن ڪتاب ۾ قرآن ڪريم ۾
خواتين جي متعلق نازل ٿيڻ وارين تمام
آيتن جو ترجمو ۽ تفسير ذڪر ڪيو ويو
آهي، عظيم عورتن جي سيرت بيان ڪئي
وئي آهي، عورتن تي اسلام ۽ قرآن جي
احسانن جو بيان موجود آهي، عورتن جي
متعلق شرعي احڪام جو بيان ڪيو ويو
آهي پڻ عورتن جي متعلق مردن کي ڏنل
هدايتن جو خوبصورت بيان بہ موجود آهي.
الله ڪريم اسان کي قرآن سکڻ ۽ سيکارڻ
۽ ترجمو ۽ تفسير پڙهي ڪري عمل پيرا
ٿيڻ جي سعادت نصيب فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم





# اوهان کي پاڻ به پنهنجو خيال رکڻو پوندو

(You have to take care of yourself)

مولانا ابو رجب محمد آصف عطاري مدني

خميس جو ڏينهن هو، ڪلاسن ۾ اعلان ڪيو ويو ته اڄ 10 وڳي دارالحديث گڏ ٿي وڃو. استاد ابو واصف مدني بيان فرمائيندا. استاد صاحب پنهنجي زندگيءَ جا لڳ ڀڳ 47 سال، گذاري چڪا هئا، 23 سال تدريس ۾ هن سوين شاگردن کي پڙهايو هو، جن جي صلاحيتن، ذهانتن، حافظن، محنتن، عمر، قد ۽ صحت جو مشاهدو به سندس تجربي جو حصو هو. اڄڪلهه هو وڏي شدت سان محسوس ڪري رهيو هو ته موجوده طلبه جي اڪثريت جسماني ۽ دماغي صحت (Physical and mental health) اهڙي مضبوط ناهي جهڙي پراڻي طلبه جي هوندي هئي جنهن جو اثر انهن جي تعليم تي به پوندو آهي.

ان هن ڳالهه جو به خدشو ظاهر ڪيو ته شاگردن ۾ پنهنجي صحت جو خيال رکڻ جو شعور به گهٽ آهي. ان ڪري هن سوچيو ته چند ڪلاسن جي شاگردن کي سمجهائڻ بجاءِ سڄي جامعه جي شاگردن سان ڳالهه ٻولهه ڪرڻ گهرجي ته جيئن فائدو وڌيڪ ٿئي، ائين هن بيان جو اهتمام ڪيو ويو. بهرحال 500 کان وڌيڪ شاگرد 10 وڳي دارالحديث ۾ گڏ ٿيا، جن کي اندر جاءِ نه ملي سگهي اهي ٻاهر ويٺا، ٻيا استاد به اچي ويٺا. تلاوت ۽ نعت کان پوءِ 10 لڳي 10 منٽ تي دار الحديث جي اسٽيج تي استاد صاحب جي آمد ٿي، شاگردن وڏي جوش ۽ جذبي سان سندس استقبال ڪيو، ان کان پوءِ سندن بيان ڪيو، جنهن جو خلاصو هن ريت آهي: درود شريف جي فضيلت بيان ڪرڻ کان پوءِ استاد صاحب مصطفيٰ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمان پڙهي ٻڌايو:

**پنجن کان اڳ پنجن کي غنيمت**

ڄاڻو: رحمت عالم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمائن ٿا: اِغْتَنِمْ خَمْساً قَبْلَ خَمْسٍ: شَبَابَكَ قَبْلَ هَرَمِكَ وَصِحَّتَكَ

قَبْلَ سَقْمِكَ وَغِنَاكَ قَبْلَ فَقْرِكَ وَفَرَاغَكَ قَبْلَ شُغْلِكَ وَحَيَاتَكَ قَبْلَ مَوْتِكَ ترجمو: پنجن شين کي پنجن شين کان اڳ غنيمت سمجهو، (1) جوانيءَ کي پوڙهائپ کان اڳ (2) صحت کي بيماريءَ کان اڳ (3)مالداري کي تنگدستي کان اڳ (4) فراغت کي مصروفيت کان اڳ ۽ (5) زندگي کي موت کان اڳ. (مستدرک للحاکم، 435/5، حديث:7916)

هن عظيم الشان فرمان ۾ صحت کي بيماريءَ کان اڳ غنيمت سمجهڻ، ان جو قدر ڪرڻ جي نصيحت ڪئي وئي آهي. اسان جي ديني بزرگن به پنهنجي صحت جو خيال رکيو ته جيئن هو دين جي وڌ کان وڌ خدمت ڪري سگهن، جيئن بهار شريعت جهڙي عظيم ڪتاب جي مؤلف حضرت علّامہ مولانا مفتي محمد امجد علي اعظمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه شام جو باغ ۾ واڪ ڪرڻ لاءِ ويندا هئا، اهڙي طرح موجوده زماني ۾ دعوتِ اسلامي جا باني، شيخِ طريقت اَمِيرِ اهلسنّت، حضرتِ علّامہ مولانا ابو بلال محمد الياس عطّار قادِري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه پنهنجي گهر وغيره ۾ مختلف اوقات ۾ روزانو واڪ به ڪندا آهن ۽ پنهنجي خوراڪ اهڙي رکندا آهن جو صحت برقرار رهي ۽ دين جي خدمت ٿيندي رهي.

**تندرستي هزار نعمت آهي:**

جيڪڏهن اسان ڪنهن به شعبي ۾ ڪاميابي حاصل ڪرڻ چاهيون ٿا ته ان جي لاءِ جسماني ۽ دماغي طور تي صحتمند هئڻ تمام ضروري آهي جو ته ”بيمار گهوڙي کي ڪو به ريس ۾ ناهي ڊوڙائيندو“.تندرست هجڻ جي ضرورت ديني علم جي ميدان ۾ به هوندي آهي جو ته ان ۾ سمجهڻ، سمجهائڻ، غور وفڪر ڪرڻ، مسئلن جي گِهرائن کي سمجهڻ ۽ ياد ڪرڻ جو دماغي ڪم وڌيڪ هوندو آهي ۽ مشهور آهي ته صحتمند دماغ لاءِ جسم جو صحتمند هجڻ ضروري آهي. تنهنڪري اسان کي پنهنجي صحت جو لازمي خيال رکڻ گهرجي. مان پنهنجي ڳالهه کي هڪ مثال سان سمجهايان ٿو: جيئن ڪمپيوٽر جا به حصا هوندا آهن، هارڊويئر ۽ سافٽ ويئر، جيڪڏهن توهان پنهنجي ڪمپيوٽر يا ليپ ٽاپ ۾ جديد ۽ اعليٰ معيار جا سافٽ ويئر انسٽال ڪرڻ چاهيو ٿا ته پوءِ ان جي لاءِ هارڊويئر به جديد ۽ سنو هئڻ گهرجي، جيڪڏهن هارڊويئر ڪمزور ۽ پراڻو هوندو ته پوءِ سافٽ ويئر به ڪمزور ٿي رهندو آهي، اهوئي حال اسان جي جسم ۽ دماغ جو به آهي جو ته جسم جڻ ته هارڊويئر وانگر آهي ۽ دماغ سافٽ ويئر آهي، پنهنجي ڪارڪردگي بهتر بڻائڻ لاءِ اسان کي گهرجي ته هميشہ پنهنجي هارڊويئر ۽ سافٽ ويئر کي ضرور چيڪ ڪندا ڪيون. چاڪاڻ ته هڪ عربي چوڻي آهي ته: صَاحِبُ الْبَيْتِ اَدْرٰى بِمَا فِيْه

يعني گهر جو مالڪ وڏيڪ ڇاڪاڻ ته سنڌس گهر ۾ ڇا آهي.

**پيٽ جو دائرو:** جيڪڏهن اسان پنهنجي پيٽ جي دائري تي غور ڪريون ته ان ۾ ڪيترين ئي شيون انسٽال هونديون آهن جهڙوڪ معدو، جگر، ڦڦڙ، گردو، پينڪرياز، پتو، مثانو، ٽري، ننڍو آندو، وڏو آندو وغيره. پيٽ جو اهو دائرو اسان جي سڄي جسم جي صحت ۾ مرڪزي ڪردار ادا ڪندو آهي، ڇاڪاڻ انهيءَ پيٽ تائين پهچي مختلف شين جهڙوڪ رت، ڪوليسٽرول، شوگر، پيشاب، فضلو (Stool) ۾ تبديل ٿئي ٿو، انهن مان ڪجهه شيون جسم مان خارج ٿينديون آهن. جڏهن ته باقي شيون اسان جي پوري جسم کي توانائي ۽ طاقت ڏين ٿيون جنهن ۾ دل ۽ دماغ به شامل آهي. هاڻي اچو اسان غور ڪريون ته ڇا اسان جي پيٽ جا سمورا حصا نيڪ ڪم ڪري رهيا آهن، ڪٿي رت جي ليبارٽري ٽيسٽ ۾ ڪمي پيشي ته ناهي، ائين ته ناهي ته اسان کي ڪاڏو جلدي هضم نه ٿيندو هجي، گيس جو مسئلو رهندو هجي، پيشاب رڪي رڪي يا تڪليف ۽ جلن سان ايندو هجي، پيٽ پريل رهندو هجي يا جلدي خالي ٿي ويندو هجي؟ جيڪڏهن اسان جي پيٽ ۾ مسئلا آهن ته ان جي ذميواري اسان تي به اچي ٿي ڇو ته هڪ دلچسپ ميڊيڪل ريسرچ تحقيق موجب اسان جي ڪائڻ پيئڻ جي عادت جي ڪري پيٽ جا مختلف حصا ڏڪي ويندا آهن، جهڙوڪ معدو ان وقت ڏٻل هوندو آهي جڏهن اسان صبح جو ناشتو نه ڪندا هجون، گرده ان وقت خوف زده ٿي ويندا آهن جڏهن اسان مناسب مقدار ۾ پاڻي ناهيون پيئندا، ننڍو آندو ان وقت تڪليف محسوس ڪندو آهي جڏهن اسان ٿڌي بوتل پيئندا آهيون يا باسي ڪاڌو ڪائيندا آهيون، وڏو آندو تڏهن خوفزده ٿيندو آهي جڏهن اسان تمام گهڻو تريل يا مساليدار ڪاڌو ڪائيندا آهيون، ڦڦڙن کي ان وقت سخت تڪليف محسوس ٿيندي آهي جڏهن اسان سگريٽ يا گاڏين جي دونهين سان آلوده هوا ۾ ساهه کڻندا آهيون، جگر ان وقت خوفزده ٿيندو آهي جڏهن اسان تريل ڳرو ڪاڌو ۽ فاسٽ فوڊ ڪائيندا آهيون، پينڪرياز ان وقت گهڻو ڏڪندو آهي جڏهن اسان تمام گهڻي مٺائي ڪائيندا آهيون.

**پنهنجي صحت جي باري ۾ پاڻ به سوچڻو پوندو:** بظاهر، بيماري ۽ تندرستي زندگي جو حصو آهن اسان کي تندرستي تي الله پاڪ جو شڪر ۽ بيماري تي صبر ڪرڻ گهرجي ۽ بيماري ۾ به دين جي خدمت نه ڇڏڻ گهرجي پر هيءَ دنيا عالمِ اسباب آهي، انڪري جيڪڏهن اسان کي مٿي ۾ درد رهندو آهي، بلڊ پريشر هاء يا لَو رهندو آهي، شوگر تمام گهٽ يا وڌ ٿي ويندي آهي، اسان کي ڪوليسٽرول جا مسئلا آهن، ٿورو هلڻ ڪان پوءِ سهڪڻ لڳندا آهيون. ٿوري دير

بيهي ناهيون سگهندا تنگين ۾ ساهه ناهي
رهندو، پير ۾ سوج ٿي ويندي آهي، گلو
خراب رهندو آهي، پيٽ ۾ درد رهندو آهي،
ٿوري دير پڙهڻ کان پوءِ دماغ ٿڪجي پوندو
آهي، دماغ ڪم ناهي ڪندو، اکين اڳيان
اونداهي ڇائنيل هوندي آهي. اکيون ۾ سور
ٿيندو آهي، سبق جلدي ياد ناهي ٿيندو، چيلهه
يا ٻاهن ۾ سور رهندو آهي ۽ ڪنڌ جي پٺين
حصي ۾ سور ٿيندو آهي وغيره. سو اسان
کي اهو سمجهي وڃڻ گهرجي ته سڀ ڪجهه
نارمل ناهي بلڪ ڪٿي مسئلو آهي جنهن جا
ذميوار اسان به ٿي سگهون ٿا، پوءِ اسان کي
هن نيت سان علاج ڪرڻ جي ڪوشش ڪرڻ
گهرجي ته جيڪڏهن اسان جي صحت بهتر
هوندي ته اسان دين جي چڱي طرح خدمت
ڪري سگهنداسين.

علاج لاءِ ڇا ڪجي؟ ظاهر آهي ته اسان
کي بيماريءَ جي نشاندهي ۽ ان جو سبب
معلوم ڪرڻ جي لاءِ ڪنهن ماهر ڊاڪٽر يا
حڪيم وٽان چيڪ اپ ڪرائڻ گهرجي ان کان
بعد اهي جيڪا دوا يا غذا ۽ پرهيز ٻڌائن ان تي
عمل ڪريون. ان کان علاوه اسان کي توانائي
ڏيندڙ شين جهڙوڪ گوشت، سبزيون، ميوا،
کير ۽ اصلي (ديسي) گيهه يا تازي مکڻ جو به
استعمال ڪرڻ گهرجي، پاڻي گهٽ پيئڻ ڪري
به بيماريون مهمان ٻڻجي اينديون آهن، اهو به
ڊاڪٽر جي مشوري سان مناسب مقدار ۾ پيئڻ
گهرجي، ياد رکو! جيڪڏهن توهان اڄ کاڌي
تي خرچ نه ڪندؤ ته سڀاڻي شايد توهان کي دوا
تي خرچ ڪرڻو پوي. الله پاڪ اسان کي
صحت، سلامتي ۽ خوشحالي عطا فرمائي.

وَاللّٰهُ اَعْلَمُ عَزَّوَجَلَّ وَ رَسُوْلُهٗ اَعْلَم صلَّی اللہ علیہ واٰلہٖ وسلَّم

(صحت جي حوالي سان توهان 113 صفحن تي
مشتمل ڪتاب ”گهريلو علاج“ ضرور پڙهو.)

# مقتدين جا حق

محمد ڪامران عطاري
(ڪلاس: سادسہ جامعة المدينہ فيضان مدينہ ڪنزالايمان ڪراچي)

دين اسلام اسان جي هر معاملي ۾ رهنمائي ڪري ٿو چاهي ديني معاملات هجن يا دنياوي، ذاتي هجن يا اجتماعي، معاشي هجن يا معاشرتي. مطلب ته اسان زندگي ۽ موت جي جنهن به شعبي ڪي ڏسون اسان ڪي شريعت ۾ ان جي متعلق ڪامل معلومات ملندي. جڏهن اسان معاشرتي حقوق جي ڳالهه ڪيون ٿا ته ان مان هڪ طبقو مقتدي حضرات جو به آهي، اسان جو پيارو دين انهن جي حقوق جو به محافظ آهي. انهيءَ متعلق هتي ڪجھ حقوق لکان ٿو توجھ سان پڙهجو:

(1) مقتدي ڄڻ امام ڪي پنهنجي نماز حوالي ڪري رهيو هوندو آهي جيڪڏهن امام جي نماز درست ٿيندي تڏهن ئي مقتدي جي نماز درست چورائيندي ته سيني کان پهريون ۽ بنيادي حق ته هي آهي ته امام اهو بڻجي جنهن ۾ امام بڻجڻ جون شرطون پاتيون وڃن ۽ جيڪي ڪم امامت جي منافي آهن انهن کان پاڪ هجي.

(2) امام ان نماز ڪي صحيح طريقي سان ادا نه ڪري، نماز ۾ ويسر سان ڪو واجب رهجي وڃڻ جو علم ٿي وڃڻ کان بعد سجدهءِ سهو ڪري پنهنجي ۽ مقتدين جي نماز بچائي.

(3) امام نماز جي متعلق احڪامات مقتدين ڪي سيڪاري ته جيئن مقتدين جي نماز ۾ ڪا ڪمي هجي ته اها به دور ٿي وڃي. امام صاحب ڪي گهرجي ته جمعي کان علاوه به موقعي جي مناسبت سان درس ۽ بيان جو سلسلو جاري رکي خاص طور تي وضو، نماز، طهارت جا بيا اهم مسئلا ۽ عقائد جي حوالي سان درس جو سلسلو جاري رکي ماڻهن جي سوالن جو مناسب انداز ۾ جواب ڏي. معلومات نه هئڻ جي صورت ۾ معلومات حاصل ڪري ئي جواب ڏيڻ گهرجي.

(4) امام ڪي گهرجي ته ننڍن، بزرگن، ڪمزورن، ضعيفن ۽ حاجت وارن جو لحاظ رکندي قراءت ڪري، حديث مان



هي بہ ثابت آهي تہ هڪ صحابي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي بارگاھ ۾ عرض ڪيو: فلاڻي جي ڊگهي نماز پڙهائڻ جي ڪري مان نماز جماعت سان ناهيان پڙهي سگهندو تہ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ سخت تنبيھ ڪئي ۽ ناراضي جو اظهار ڪيو ۽ فرمايو: جيڪو ماڻهن کي نماز پڙهائي تخفيف سان پڙهائي ڇوتہ نمازين ۾ بيمار، ڪمزور ۽ ڪنهن ضروري ڪم جي لاءِ وڃڻ وارا بہ هوندا آهن.

(بخاری، 50/1، حدیث: 90ملخصاً)

(5) مقرر وقتن تي نماز جي پابندي سان مسجد ۾ حاضر ٿيو پر هي تہ ڪو شرعي عذر رڪاوٽ نہ هجي.

(6) مقتدين جي انفرادي مسئلن جو خيال رکو، انهن جي پريشاني ۽ مشڪل ۾ انهن جو ساٿ ڏيو، انهن کي پنهنجي طرف راغب ڪيو، متنفر نہ ڪيو، جيئن جيڪڏهن ڪو مقتدي پنهنجي گهر محفل ۾ شرڪت ڪرڻ، ايصال ثواب ڪرڻ، ڪنهن موضوع تي درس و بيان ڪرڻ جو مطالبو ڪري تہ حتي الامڪان قبول ڪري، مقتدي اڪثر خوشي ۽ غمي جي موقعي تي امام صاحب جي شرڪت سان خوش ٿيندا آهن، انڪري گهرجي تہ جيڪڏهن ڪو خوشي جي موقعي تي دعوت ڏي تہ مناسب صورت ۾ ضرور وڃي، ڪو نمازي بيمار ٿي وڃي تہ عيادت جي لاءِ وڃي، انهيءَ طرح جيڪڏهن علائقي ۾ ڪا ميت ٿي وڃي خاص طور تي ڪنهن نمازي يا ان جي رشتيدار جو انتقال ٿي وڃي تہ نماز جنازه ۽ ڪفن دفن جي معاملات ۾ شرڪت ڪري، هي عمل جتي سوڳوارن جي لاءِ دلجوئي جو سبب ٿيندو اتي امام صاحب جي قدر بہ ماڻهن جي نظر ۾ وڌندي. اهڙي طرح بعض مقتدي ٻارن کي دم ڪرائڻ جي لاءِ ايندا آهن امام صاحب جيڪڏهن باقاعده اوراد و وظائف ۽ عمليات نہ بہ ڪندا هجن تہ بہ مختصر اوراد جيئن ”درود شريف“ ”ياسلام“ يا سورت الفلق ۽ سورت الناس پڙهي ڪري دم ڪن

الله پاڪ اسان کي حقوق الله سان گڏوگڏ حقوق العباد بہ پورا ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم

# ڪليجي

مولانا احمد رضا عطاري مدني



جن غذائن کي رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي طعام بڻجڻ جو شرف مليو، انهن غذائن مان هڪ ڪليجي به آهي هي هڪ بهترين ۽ فائديمند غذا آهي. حضرت انس رَضِیَ اللہُ عَنْہُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جنت ۾ داخل ٿيندي ئي سڀ کان پهريان جنهن کاڌي جي دعوت ٿيندي اهو مڇيءَ جي ڪليجي جو ڪنارو هوندو.(1)

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي ته رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: اسان جي لاءِ ٻه مردا ۽ ٻه رت حلال آهن: ٻه مردار مڇي ۽ ماڪڙ آهن ۽ ٻه رت ڪليجي ۽ تري آهن.(2)

## ڪليجي جو مزاج

ان جو مزاج گرم هوندو آهي.(3) اها هڪ اهڙي غذا آهي جيڪا جسم مان زهريلا مادا خارج ڪري جسم کي تندرست بڻائيندي آهي.

## ڪليجي بابت مبارڪ حديثون

ڪيترين ئي حديثن ۾ ڪليجي جو ذڪر ملي ٿو، ڪجهه حديثن ۾ نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو ڪليجي کائڻ جو جڏهن ته ڪجهه ۾ صرف ڪليجي جو ذڪر ملي ٿو.

(1) حضرت عبدالرحمٰن بن ابوبڪر رَضِیَ اللہُ عَنْہُمَا کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سان اسان 130 صحابه ڪرام عَلَیْہِمُ الرِّضْوَان هڪ سفر ۾ هئاسين، پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم اسان کان پڇيو: ڇا توهان مان ڪنهن وٽ کاڌو آهي؟ ته هڪ شخص وٽ تقريبًا هڪ صاع اٽو نڪتو ته ان اٽي کي ڳوهيو ويو، پوءِ هڪ ڪافر ماڻهو ٻڪريون هڪليندو وڃي رهيو هو، رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي فرمايو: ڇا تون اهي ٻڪريون وڪڻندين يا هبه ڪندين؟ ان چيو: مان هبه نه ڪندس بلڪ وڪڻندس، پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کان هڪ ٻڪري خريد ڪئي، پوءِ جڏهن ان کي ذبح ڪيو ويو ته پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان

ڪليجي ڪي پُچڻ جو حڪم ڏنو، راوي فرمائن ٿا: الله جو قسم! اسان هڪ سؤ ٽيهه ماڻهن مان ڪو به اهڙو نه هو جنهن ڪي هن ڪليجي مان حصو نه مليو هجي. جيڪي اسان سان گڏ هئا انهن کي پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ انهن جو حصو عطا فرمايو ۽ جيڪي اسان سان گڏ نه هئا انهن جو حصو بچائي رکيو. پوءِ ان گوشت کي ٻن ٿانون ۾ وڌو ويو، پوءِ اسان ان مان پيٽ ڀري کاڌو ۽ ٻنهي ٿانون ۾ کاڌو بچي به ويو، راوي فرمائن ٿا ته: پوءِ مون انهن ٿانون کي اُٺ تي لڏي ڇڏيو.[4]

(2) حضرت ابو رافع رَضِیَ اللہ عَنۡهُ فرمائن ٿا ته: مان پاڻ سڳورن صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ ٻڪري جو پيٽ (يعني دل، ڪليجي، تِلي وغيره) پُچندو هئس، ان کي کائڻ کان بعد پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ نئون وضو ڪرڻ کان بغير نماز پڙهندا هئا.[5]

(3) حضرت سلمه بن اَکۡوَع رَضِیَ اللہ عَنۡهُ کان روايت آهي ته حضرت بلال رَضِیَ اللہ عَنۡهُ هڪ اُٺ ذبح ڪيو ۽ ان جي ڪليجي ۽ ڪوهان کي رسول اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي لاءِ پُچو.[6]

(4) حضرت بريده رَضِیَ اللہ عَنۡهُ کان روايت آهي ته نبي ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ عيد الفطر جي ڏينهن پنهنجي گهران ڪجهه کائڻ کان بغير عيد جي نماز لاءِ تشريف وٺي نه ويندا هئا ۽ عيد الاضحیٰ جي ڏينهن عيد جي نماز کان فارغ ٿي ڪري واپس اچڻ تائين ڪجهه ڪائيندا نه هئا، ۽ واپس اچي پنهنجي قرباني جي جانور جي ڪليجي ڪائيندا هئا.[7]

## حديث مبارڪ مان ثابت نقطا

- هڪ ٻڪري جي ڪليجي عام طور تي پنج يا ست ماڻهن لاءِ به مشڪل سان پوري پوندي آهي، پر هڪ ٻڪري جي ڪليجي 130 ماڻهن کي پوري ٿي وئي اهو الله جي آخري نبي صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جو معجزو آهي.
- باهه تي پُچيل يا پڪل شيءِ کائڻ سان وضو ناهي ٽٽندو.( فقه حنفي).
- عيد الفطر جي موقعي تي ڪجهه کائي عيد جي نماز لاءِ وڃڻ ۽ عيد الاضحیٰ جي موقعي تي بغير ڪجهه کائي وڃڻ ۽ عيد جي نماز کان پوءِ قرباني جي جانور جي ڪليجي کائڻ سنت آهي.
- گوشت کي پُچي کائڻ به حديث شريف مان ثابت آهي.

## ڪليجي جا فائدا

حضور اڪرم صَلَّی اللہ عَلَیۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جي استعمال ڪيل ٻين کاڌن وانگر ڪليجي به جتي لذت سان ڀرپور آهي اتي ان ۾ به بيشمار طبي فائدا موجود آهن. ڪجهه فائدا هي آهن:

ڪليجي ۾ ڪيترائي اهم غذائي جز شامل آهن جهڙوڪ وٽامن اي، ڊي، اي، ڪي، فولڪ ايسڊ ۽ معدنيات موجود هوندا آهن جيڪي جسم مان انهن زهريلي مادن کي ختم ڪرڻ ۾ مدد ڪن ٿا.

- ڪليجي رت جي گهٽتائي کي پورو ڪرڻ ۾ مددگار آهي.
- ڪليجي دماغ کي صحتمند رکڻ ۾ مدد ڏيندي آهي.
- ڪليجي آئرن سان مالا مال غذا آهي.
- ڪليجي لاءِ وڌيڪ بهتر اهو آهي ته ان کي فوري طور تي پچايو وڃي چاڪاڻ ته تازي ڪليجي وڌيڪ مفيد آهي، ڪليجي کي تمام گهڻو نه پچايو وڃي نه ته اها سخت ۽ بي ذائقه ٿي ويندي آهي، هن سان گڏ جيڪڏهن ليمو استعمال ڪيو وڃي ته اها آساني سان هضم ٿي ويندي آهي. (8)

نوٽ: طبي نقطي نظر کان ڪنهن به ڪاڌي کي استعمال ڪرڻ کان پهريان، پنهنجي ڊاڪٽر يا مستند حڪيم سان مشورو لازمي ڪيو.

---

1 بخاری، 2/605، حدیث: 3938 ملخصاً
2 ابن ماجہ، 4/32، حدیث: 3314
3 خزائن الادویہ، 3/359
4 بخاری، 3/523، حدیث: 5382
5 مسلم، ص154، حدیث: 797
6 مسلم، ص774، حدیث: 4678
7 سنن کبریٰ للبیہقی، 3/401، حدیث: 6161
8 مختلف ویب سائٹس سے ماخوذ

# خوابن جي تعبير

مولانا اسد عطاري مدني

خواب: هڪ اسلامي ڀاءُ پنهنجي چاچي کي سندن انتقال بعد خواب ۾ گوشت کائيندي ڏٺو.

تعبير: جيڪڏهن ڪنهن کي حلال جانور جو گوشت کائيندي ڏٺو ته اها تمام سٺي ڳالهه آهي، انشاءَ الله اهو عافيت ۾ هوندو. گوشت کائڻ رزق ۽ نعمت جي علامت آهي. ۽ جيڪڏهن فوت ٿيل کي کائيندي ڏسي ته ان لاءِ باعثِ برڪت آهي.

خواب: مون پنهنجي ماءُ کي وفات کان اٽڪل ٽن يا چئن ڏينهن کان پوءِ خواب ۾ هن حالت ۾ ڏٺو، مون نماز اشراق و چاشت پڙهي ۽ دعا ڪرڻ لڳس: ياالله پاڪ منهنجي والده جي مغفرت فرماءِ منهنجي والده کي غوث پاڪ رحمۃ اللہ علیہ جي صدقي بخشي ڇڏ اها دعا ڪندو رهيس ۽ سمهي پيس (هتان کان خواب شروع آهي) منهنجي والده هڪ صحن ۾ آهي جيڪو نه گهر پيو لڳي نه ئي مسجد هن ۾ ڪجهه صفحون وڇايل آهن ۽ منهنجي والده پهرين صف ۾ سڌي طرف تشهد واري حالت ۾ ويٺي آهي نوراني صورت آهي ۽ صحت مند نظر اچي رهي آهي جيڪو لباس پهريل آهي اهو هلڪي ڦڪي رنگ جو آهي، پر اها مون کي وڏي سنجيدگي سان ڏسي رهي آهي، ان کان بعد منهنجي اک کلي ويندي آهي ۽ جاڳڻ تي منهنجي زبان تي اها دعا جاري هئي: يا الله منهنجي ماءُ جي مغفرت فرماءِ يا الله منهنجي ماءُ کي بخشي ڇڏي.

تعبير: سٺو خواب آهي، دعا جو اثر آهي. انشاءَ الله اوهان جي والده عافيت سان هوندي. بهرحال ان جي لاءِ دعا ۽ ايصالِ ثواب جي ڪثرت ڪندا رهو.

خواب: مون تمام گهڻو پاڻي ڏٺو آهي، سيلاب وانگر آهي پاڻي کان ڊڄڻ ڪيئن؟

تعبير: آزمائش جي نشاني آهي. ڪجهه خدا جي راهه ۾ خيرات ڪريو ۽ دعا

جي ڪثرت ڪريو.

خواب: خواب ۾ پاڻ کي آسمان ۾ ڪڪر جي پويان لڪندي ڏسڻ ڪيئن آهي؟

تعبير: سٺو ناهي، توبہ ۽ استغفار جي ڪثرت ڪريو. جيڪڏهن زندگي ۾ ڪو اهڙو ڪم آهي جيڪو شرعي طور درست ناهي تہ ان کان پاسو ڪيو. خدا جي راهہ ۾ صدقو ڏيڻ بہ تمام گهڻو مفيد آهي.

خواب: خواب ۾ اهو ڏسڻ ڪيئن تہ مئل چوزا اوچتو جيئرا ٿي ويا؟

تعبير: فضول خواب آهي، ان تي ڌيان نہ ڏيو.

خواب: هڪ اسلامي ڀيڻ خواب ۾ ڏٺو تہ هڪ وڏو ميدان آهي ۽ اتي تمام گهڻا ماڻهو آهن، ايتري ۾ پيارا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تشريف وٺي ايندا آهن، پر منهنجي طرف پاڻ عَلَيْهِ السَّلَام جي پٺيءَ مبارڪ هئي تہ مون چيو ڪاش مان آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي ڏسي سگهان ها! تہ ڪنهن آواز ڏنو تہ ڇو نہ تي ڏسي سگهين؟ ايتري ۾ منهنجيون اکيون کلي ويون.

تعبير: اهو سٺو خواب آهي. چهرهءِ انور جي زيارت جي تمنا ڪرڻ هر مسلمان جي دل جي خواهش آهي. درود پاڪ جي ڪثرت ڪيو ۽ سرڪارِ نامدار، مديني جي تاجدار صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت جو استغاثو بہ. انشآءَ الله الڪريم ضرور ڪرم ٿيندو.

# قرآنِ پاڪ جي تلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي

2 فرامينِ آخري نبي، رسول هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: (1): منهنجي اُمَّت جي اَفْضَل عبادت تلاوتِ قرآن آهي. (شُعَبُ الْاِيْمَان، باب فی تعظيم القرآن، فصل فی ادمان تلاوة القرآن، جلد:2، صفحه:354، حديث:2022) (2): جيڪو رات جو **200** آيتون تِلاوت ڪري، ان جو نالو عبادت گذارن ۾ لکيو ويندو ۽ جيڪو **400** آيتن جي تِلاوت ڪري، ان جي لاءِ هڪ قِنطار اَجر لکيو ويندو، هڪ قِنطار **120** قيراط جي برابر آهي ۽ هڪ قيراط اُحُد جبل جيترو آهي..(شُعَبُ الْاِيْمَان، جلد:2، صفحه:401، حديث:2197 ملتقطاً) اي عاشقانِ رسول! قرآنِ ڪريم جي تِلاوت ڪرڻ سُنَّت آهي. اسان جا پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ ڪثرت سان قرآنِ ڪريم جي تلاوت ڪندا هئا * حضرت عائشہ صديقہ رَضِيَ اللهُ عَنْها فرمائن ٿيون: ڪا شيءِ پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ کي تِلاوت کان نہ روڪيندي هئي * پاڻ سڳورا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ رات جي نماز ۾ ڪڏهن ڪڏهن پُوري سورت بقره ۽ سُورَت آلِ عمران جي تلاوت ڪندا هئا * روزانو رات جو سُورت سجده، سُورت ملڪ، سورت بني اسرائيل، سورت زمر، سُورَت ڪافرون، سُورت فلق ۽ سُورت ناس جي تلاوت ڪري سمهندا هئا. الله پاڪ اسان کي بہ خوب تِلاوتِ قرآن ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

آمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

الٰہی خوب دے شوق قرآں کی تلاوت کا
شَرَف دے گنبدِ خضرا کے سائے میں شہادت کا